وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ

۽ اسان بلند ڪيو سين تنهنجي ذڪر کي.

قصيده برده شريف

امام محمد بن سعيد بوصيري رحمة الله عليه

(٦٠٨ه-٦٩٤ه)

سنڌي ۾ منظوم ترجمو

حضرت علامه علي محمد مهيري رحمة الله عليه

(١٣٦٧ه)

سهيڙيندڙ

الحاج محراب فقير

ناشر

مدرسه صبغة الهدیٰ

شاهپور چاڪر. ضلع سانگهڙ سنڌ.

وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ

۽ اسان بلند ڪيو سين تنهنجي ذڪر کي.

قصيده برده شريف

امام محمد بن سعيد بوصيري رحمة الله عليه

(٦٠٨ھ - ٦٩٤ھ)

سنڌي ۾ منظوم ترجمو

حضرت علامه علي محمد مهيري رحمة الله عليه

(١٣٦٧ھ)

سهيڙيندڙ: الحاج محراب فقير دامت برڪاتهم

ناشر

مڪتبه سڪندريه، شاهپور چاڪر (سنڌ)

طباعت جا حق ۽ واسطا محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو:	قصيده برده شريف
	حضرت امام محمد بن سعيد بوصيري رحمة الله عليه
سنڌي منظوم ترجمو:	حضرت مولانا علي محمد مهيري
سنڌي نثري ترجمو:	فقير حاجي محراب خان
اشاعت پهرئين:	ربيع الاول 1428هه/ مارچ 2008ع
تعداد:	3000
ٽائيٽل ۽ اشاعتي نگران:	علامه مولا بخش سڪندري، ڪراچي
قيمت:	100
ڇپيندڙ:	نيوگرين پرنٽنگ پريس حيدرآباد

ملڻ جو هنڌ

مدرسه صبغة الهديٰ شاهپور چاڪر

قصيده برده شريف

۽ مصنف هڪ نظر ۾

مسلمانن کي حضرت حبيب ڪريم جي ذت اقدس سان جيڪا وابستگي رهي آهي، ان جي نتيجي ۾ انهن جي شعري ادب ۾ نعت رسول جا ڪيترائي بيمثال ذخيرہ جمع ٿيل آهن ۽ تقريباً هر زبان جي شعري مجموعي جوتمام گهڻوحصو نعتيہ ڪلام تي مشتمل آهي.

عربي زبان جيڪا اسلامي خيالات جو سرچشمو ۽ قرآن مجيد جي زبان هجڻ سببان هڪ مقدس زبان آهي، ان ۾ نعتيہ ڪلام جو ڪو ڇيهہ آهي ئي ڪونہ. آغاز اسلام کان وٺي اڄ تائين عربي شاعرن نعت رسول چئي اهي واهڙ وهائيا آهن جو عقل حيران رهجي وڃي ٿو، ليڪن انهن سيني شاعرن مان شهرت چند ماڻهن کي ملي، جن مان حسان بن ثابت پهرئين نمبر تي آهي، حسان بن ثابت کان پوءِ جنهن جي ڪلام کي شهرت ملي، سو امام محمد بن سعيد برصيري رحمت الله عليه آهي. هونئن تہ بوصيري رحمت الله عليه ڪيترائي شعري مجموعا لکيا، ليڪن کيس شهرت مشهور قصيدي برده جي ڪري ملي. ان کان اڳ مختلف ارباب اقتدار جي شان ۾ ڪيترائي قصائد لکيائين. ليڪن قصيدي بردي کان پوءِ رسول الله صلي الله عليه وسلم کان سواءِ ٻين جي شان ۾ قصيدي لکڻ يا چوڻ کان توبہ تائب ٿي، دربار رسول مان معافي ورتائين ۽ فرمايائين.

خَدَمتہ بمديح استقيل بہٖ ذُنوبَ عُمر مَضيٰ في الشعر والخدم

يعني: مون تعريفي قصيدا لکي رسول الله کان معافي ورتي اٿم، جو عمر جو هڪ حصو درباري شاعري ۾ گذاري ڇڏيم.

امام بوصيري رحمت الله عليه جڏهن فالج جي بيماري ۾ مبتلا ٿي حڪيمن جي علاج کان مايوس ٿي بستري داخل ٿو، تڏهن مايوسيءَ جي عالم ۾ ان موذي مرض کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ اهو هڪڙوئي سهارو سمجهي جمع جي رات هڪ اڪيلي ۽ خالي گهر ۾ خالص عقيدي سچي دل سان قصيدو پڙهڻ شروع ڪيائين. ايستائين جو ڪيس ننڊ اچي وئي، ۽ خواب ۾ رسول ڪريم ﷺ جي ديدار کان مشرف ٿيو. حضور ڪريم ﷺ جن پنهنجي رحمت ۽ شفقت وارن هٿن مبارڪن کي امام بوصيري جي جسم تي ڦيريو پنهنجي ڪلهن تان چادر لاهي مٿس رکيائون. ايتري ۾ بوصيري رحمت الله عليه جي اک کلي ويئي ۽ پاڻ کي بلڪل تندرست ۽ صحيح سلامت ڏٺائين. صبح جو بازار مان وڃي رهيو هو، رستي ۾ هڪ درويش چيس ته مونکي قصيدو ٻڌاءِ. بوصيري رحمت الله جواب ڏنس ته مون ته ڪيترائي قصيدا چيا آهن. درويش چيس ته مونکي اهو قصيدو ٻڌاءِ جنهن جا پهريان لفظ، اَمِنْ تَذَکُّرِ جيرانٍ بِذِي سَلَمٖ" آهن. تنهن تي امام بوصيري رحمت الله کي حيراني ٿي ته اهو قصيدو ته مون رات ٺاهيو آهي ۽ اڃان ڪنهن کي به خبر ناهي، تڏهن ان درويش فرمايس ته خدا جو قسم مون ان قصيدي کي توکان رات ٻڌو اٿم جو تون ان کي خواب ۾ حضور ڪريم جن جي خدمت ۾ پڙهي رهيو هئين ۽ سرور ڪائنات ان کي ٻڌي جهومي رهيا هئا ۽ ان جي برڪت سان خدا پاڪ توکي شفاءِ ڪامل عطا فرمائي آهي. ان کان پوءِ هر عام خاص کي ان ڳالهه جي خبر پئجي ويئي ۽ اهو قصيدو ۽ امام بوصيري ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويا. ان قصيدي جون ڪيتريون برڪتون بزرگن بيان ڪيون آهن ۽ ان جي صدقي بيمارن کي شفا، نابينن کي نور، تنگدستن کي ڪشادو رزق ميسر ٿيو آهي، ان متبرڪ قصيدي جا فضائل ۽ خاصيتون بي شمار آهن مگر مختصر طور تي جيڪي مشهور ڪتابن ۾ آهن سي هتي لکجن ٿيون:

قصيدي برده جا فضائل ۽ خاصيتون

١-عمر ۾ برڪت واسطي هڪ هزار دفعا پڙهجي.

٢-مصيبت جي ٽاري لاءِ ايڪهتر دفعا پڙهجي.

٣- قحط کان ڇوڪاري لاءِ ٽي سو دفعا پڙهجي.

۴- شاهوڪاري ۽ دولتمندي واسطي ست سودفعا پڙهجي.

۵- پٽ پيدا ٿيڻ لاءِ هڪ سو سورنهن دفعا پڙهجي.

٦- هر مشڪل ڪم جي آساني لاءِ ست سو ايڪهتر دفعا پڙهجي.

٧- جيڪو شخص روزانو هڪ دفعو پڙهي يا ٻيو شخص پڙهي ان تي دم ڪري تہ هر مصيبت کان محفوظ رهندو.

٨- جيڪو روزانو هڪ دفعو پڙهي، اولاد تي دم ڪندو تہ عمر وڌي ٿيندي.

٩- جيڪو شخص جمع جي ڏينهن سترنهن دفعا ست جمعا پڙهندو تہ دولت مند ٿي ويندو.

١٠- جيڪو سمهڻ واري هنڌ جنهن مطلب لاءِ پڙهندو تہ ان جو مطلب خواب ۾ معلوم ٿيندس.

١١- جيڪو پراڻي قبرستان ۾ چاليهہ ڏينهن ايڪيتاليهہ دفعا پڙهندو تہ ان جا دشمن ختم ٿي ويندا.

١٢- جيڪو گلاب جي پاڻي تي روزانو هڪ دفعو پڙهي ست ڏينهن ڪنهن کي پياريندو تہ ان جو حافظو تيز ٿيندو.

١٣- جنهن کي ڪا سختي درپيش اچي تہ ٽي ڏينهن روزا رکي روزانو ايڪيهہ دفعا پڙهي.

١۴- جيڪو مشڪ ۽ زعفران سان لکي ڪنڌ ۾ پائيندو، اهو ستر مصيبتن کان محفوظ رهندو.

١۵- جنهن گهر ۾ روزانو ٽي دفعا پڙهجي، اهو اڪثر مصيبتن ۽ تڪليفن کان امن ۾ رهندو.

١٦- مطلب جي حصول لاءِ جمع جي رات ستاويهہ دفعا پڙهجي ۽ ستاويهہ شيون صدقو ڪري.

١٧- جنهن گهر ۾ اهو قصيدو هوندو اهو چوري کان محفوظ رهندو.

١٨- جيڪو پنهنجي عمر ۾ ان کي ست هزار دفعا پڙهندو ان جي عمر سوسال ٿيندي.

١٩- جيڪو گلاب جي پاڻي تي پڙهي دم ڪري ڪپڙن تي لڳائيندو ته سڀ ماڻهو کيس پيار ڪندا.

٢٠- سفر دوران هڪ دفعي پڙهڻ سان سفر جي تڪليفن کان محفوظ رهندو.

٢١- قرضدار هڪ هزار دفعي پڙهڻ سان قرض کان نجات لهندو.

٢٢- مطلب جي حصول لاءِ جمع جي رات ايڪيتاليهہ دفعا خود پڙهي يا ٻئي کان پڙهائي مطلب پورو ٿيندس.

٢٣- جنهن گهر ۾ اهو قصيدو پڙهيو ويندو، اهو ستن شين کان محفوظ رهندو. پهريون جنن کان، ٻيو وبا، ٽيون ماتا جي بيماري، چوٿون اکين جي بيماري کان ٥-نحوست، ٦-چريائپ، ٧- اوچتي موت کان ۽ ست شيون ان کي زياده ٿينديون. اول عمر دراز، ٢-ڪشادو رزق ٣-صحت ٤ -دولت ۽ نصرت ٥- نور محمدي جي زيارت ٦- شاهوڪاري ۽ خوشي.

٢٤- جيڪو شخص ان کي هميشہ پڙهندو ان جو مددگار محمد رَسُولُ اللّٰہِ صلي الله عليه وسلم هوندو ۽ جيڪو ان کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو ته ان کي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو، بلڪ ان جي دشمن کي نقصان پهچندو.

٢٥- جيڪو چاهي ته سفر جو نفعو نقصان معلوم ڪيان ته پهريان هڪ هزار درود پڙهي، ان کان بعد ٽي دفعا هي قصيدو پڙهي ته ان کي خواب ۾ سفر جو نفعو نقصان معلوم ٿي ويندو.

٢٦- جيڪو ڪنهن مسافر جو حال معلوم ڪرڻ چاهي، تہ جمع جي رات تي دفعا پڙهي تہ معلوم ٿي ويندس.

٢٧. جن ۽ پري جي اثر لاءِ روزانو هڪ دفعو چاليهہ ڏينهن پڙهجي.

٢٨. چاول ٻار لاءِ درياهہ جي پاڻي تي نو دفعا پڙهي غسل ڪرائجي تہ اهو ٻار هر مصيبت کان امن ۾ رهندو.

٢٩. ٻار ڄمڻ وقت گلاب جي پاڻي تي ٽي دفعا پڙهي دم ڪري پيارجي تہ آساني سان ٻار پيدا ٿيندو.

٣٠. ٻيڙي ۾ سوار هڪ دفعو پڙهي تہ طوفان ٽري وڃي.

٣١. قيدي پڙهندو رهي تہ جلد آزاد ٿئي.

٣٢. جنهن جي زمين ۾ آبادي نہ ٿئي تہ ٻج تي پڙهي دم ڪري پوکي تہ پيداوار گهڻي ٿيندي.

٣٣. جنهن پوک تي ماڪڙ اچڻ جو انديشو هجي تہ ست دفعا پڙهي، مٽي تي دم ڪري پوک جي ٻاهران چوڌاري هاري ڇڏي تہ ماڪڙ کان محفوظ رهي.

مطلب تہ جنهن بہ ڪم لاءِ پڙهندو تہ حاصل ٿيندس ليڪن، حلال ڪائڻ، سچ ڳالهائڻ پاڪ ڪپڙا ڍڪڻ، گهٽ ڪائڻ، گهٽ ڳالهائڻ ۽ گهٽ سمهڻ تي ڪار بند رهڻ ضروري آهي.

مترجم ۽ ترجمي جي باري ۾

قصيدي برده شريف جا شرح ۽ ترجما سوين عالمن ڪيا آهن ۽ هر هڪ پنهنجي پنهنجي محبت ۽ عقيدت ۾ ڪوشش ڪري حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي شان ۽ بارگاهہ رسالت ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي. مگر پوءِ بہ ”لايمڪن الثناءَ ڪما ڪان حقہ“ جو حق ڪنهن کان ادا ٿي نہ سگهيو ۽ آخر عاجز ٿي، بعد از خدا بزرگ توئي قصہ مختصر جو اقرار ڪرڻو پيو.

زير نظر قصيدي بردي شريف جو منظوم ترجمو لاڙ سنڌ جي مشهور ۽ معروف عالم باعمل، اهل دل حضرت مولانا علي محمد مهيري رحمة الله عليه وينڙ بجاري جو آهي، جنهن اڄ کان تقريباً 104 سال اڳ سنہ 1320ھ ۾ اهو ترجمو نثر ۽ نظم ۾ لکيو.

حضرت مولانا علي محمد مهيري رحمة الله عليه سنڌ جي انهن عارف عالمن مان هڪ ٿي گذريو آهي، جنهن جي ڪچهريءَ ۾ هر وقت هزارين شائقين موجود هوندا هئا، دوران گفتگو پرين (الله ۽ رسول) جي پچار ۾ مست ٿي ويندو هو. حضرت مولانا علي محمد مهيري رحمة الله عليه، قرآن پاڪ جي تعليم حافظ محمد نونداڻيءَ کان حاصل ڪئي. ٻارهن سالن جي ڄمار ۾ فارسي تعليم جي حصول خاطر مخدوم عبدالرؤف نورنگ زاده ۽ حافظ احمد ميمڻ ڪورواهيءَ وٽ آيا. مخدوم عبدالرؤف وٽ ڪجھ وقت ئي پڙهيائون تہ مخدوم صاحب جو انتقال ٿي ويو، جنهن کان پوءِ باقي تعليم حافظ صاحب وٽ پوري ڪيائون. عربي تعليم لاءِ پهريان حضرت مولانا حامد الله وٽ آيا ۽ بعد ۾ ٽنڊو حافظ شاھ ۾ مولانا محمد سليمان وٽ تشريف فرما ٿيا. جتان پاڻ سند فراغت بہ حاصل ڪيائون.

حضرت مولانا علي محمد تعليم کان فارغ ٿي پنهنجي اباڻي ڳوٺ بيجاري شريف ۾ درس و تدريس شروع ڪيائون، ڪجھ عرصي بعد فتويٰ نويسي بہ شروع ڪيائون، سندن هر فتويٰ مدلل هوندي هئي، جنهن ڪري وٽن پوري سنڌ ڪڇ، ڪوهستان ۽ ڪاري کان فتوائون اچڻ شروع ٿيون، علامہ مهيري رحمة الله عليہ جون فتوائون الڳ الڳ ٻن ضخيم جلدن ۾ قلمي مسودي جي صورت ۾ موجود آهن، جيڪي سندن علمي لياقت تي دلالت ڪن ٿيون.

قصيدة بردة شريف

اَمِنْ تَذَكُّرِ جِيْرَانٍ بِذِیْ سَلَمٍ
مَزَجْتَ دَمْعًا جَرٰی مِنْ مُّقْلَةٍ بِدَمٖ

اِڇ ڪ اَڇي اوچتا ياوَر ياد پياءِ

سانگي سيڻ سلم جا هيئين منجهه هُرياءِ

ڳاڙها ڳل ڪياءِ، هنجهون هاري هيجسين

ڇا، تون "سلم" (١) وارن پاڙيسرين جي ياد اچڻ سبب

اکين (جي تُنرن) مان هنجهون هاري رهيو آهين.

اَمْ هَبَّتِ الرِّيْحُ مِنْ تِلْقَآءِ كَاظِمَةٍ
اَوْ اَوْمَضَ الْبَرْقُ فِی الظُّلْمَآءِ مِنْ اِضَمٖ

---

(١) مڪي ۽ مديني جي درميان هڪ واديءَ ۾ "سَلِم" نالي وڻ، جنهن جي هيٺان حضور پاڪ ايندي ويندي آرام فرمائيندا هئا. ان کان سواءِ اهو به چيو ويو آهي ته "سلم" مان "دار السلام" مدينو مبارڪ مراد آهي.

حضرت مولانا صاحب عالم باعمل هئڻ سان گڏوگڏ بهترين اديب ۽ نبي ڪريم نور مجسم ﷺ جن جا مداح پڻ هئا. حضرت مولانا علي محمد مهيري جي لکيل ڪتابن ۾ تفسير سوره فتح، ديوان علي، مجموعه فتاويٰ ۽ قصيده برده شريف جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو شامل آهن. پاڻ وفات ٢١ شعبان ١٣٦٧ هجري ۾ ڪيائون. سندن مزار بيجاري شريف ضلع بدين ۾ آهي.

اسان اهڙي اهل دل ۽ عالم باعمل جي منظوم ترجمي کي پنهنجي مڪتبه طرفان شايع ڪندي سعادت سمجهون ٿا ۽ برڪت خاطر قصيده برده شريف جا اصل عربي شعر، جيڪي مولانا صاحب ترجمو ڪيا آهن. اهي به شامل ڪيون ٿا. ان ڪان علاوه مولانا صاحب مرحوم جي سنڌي منظوم ترجمي جي هيٺان نثر ۾ به ترجمو ڏيون ٿا. جنهن کي آسان ۽ عام فهم بنائڻ لاءِ پوري ڪوشش ڪئي وئي آهي. مختلف روايتن موجب شعرن جو تعداد گهٽ وڌ آهي ۽ ڪن شعرن بابت الحاقي هجڻ به مشهور آهي ان ڪري اسان هت صرف اهي ئي شعر آندا آهن جيڪي مولانا صاحب جو ترجمو ٿيل آهن. اهي ڪل ١٥٩ آهن. نيز ڪافي هنڌن تي پراڻي سنڌي لفظ جي معنيٰ به لکي اٿئون ۽ ضروري مقامات تي زيرون، زبرون ڏئي پڙهڻي کي آسان بنايو اٿئون ۽ ڪٿي ڪٿي مختصر وضاحت به ڪئي اٿئون ته جيئن پڙهندڙن کي سرور حاصل ٿئي. اميد ٿي ڪجي ته قارئين ڪرام پڙهي مصنف، مترجم، ڇپائيندڙ ۽ اسان جي باري ۾ دعاءِ خير فرمائيندا. آمين

ڊاڪٽر نذر حسين سڪندري

صدر شعبه اسلاميات ڊگري ڪاليج سانگهڙ

ڪِ ڪڙڪي ڪُنڊ ڪاظم تان سندي هير هوا

سيباٽي سرير ڪي سيئين ڀَرئين سا

ڪِ آڏي اضم تا ٻرندي ڏنئي ٻيجڙي (ڪنوڻ)

يا وري ڪاظمه(١) جي طرف جي هوا هلي آهي (۽ اتان جي خوشبوءِ تو وٽ آئي آهي) يا انڌيري رات ۾ "اضم جبل(٢) جي طرفان وڄ چمڪي آهي.

فَمَا لِعَيْنَيْكَ اِنْ قُلْتَ اكْفُفَا هَمَتَا
وَمَا لِقَلْبِكَ اِنْ قُلْتَ اسْتَفِقْ يَهِمِ

---

(١) مديني شريف جي نالن مان هڪ نالو "ڪاظمه" به آهي، نيز "ڪاظمه" مان مراد روضو پاڪ به آهي.

(٢) مديني شريف جي ويجهو هڪ جبل، جنهن تي حضور پاڪ اڪثر ايندا ويندا هئا.

ڪنھ پر اکيون تُنهنجيون جهليون نان جهلجن

آٽيو اُڌ مان آب جا ڪريو جهڙ جهمن

۽ پڻ چال چرين ھِنيون ھٿ نہ تنھنجي

تنهنجي اکين کي ڇا ٿيو آهي، جو اگر تون انهن کي روئڻ

کان بس ڪرڻ جو چوين ٿو تہ بہ اهي وهنديون رهن ٿيون،

۽ تنهنجي دل کي ڇا ٿيو آهي، جو اگر تون ان کي چوين ٿو

تہ ٺيڪ ٿي، تہ اها مزيد حيران ٿئي ٿي. (١)

أَيَحْسَبُ الصَّبُّ أَنَّ الْحُبَّ مُنْكَتِمٌ
مَّا بَيْنَ مُنْسَجِمٍ مِّنْهُ وَمُضْطَرِمِ

(١) اگر مٿيان ٽئي شعر شيشي جي ٿانو تي لکي مينهن جي پاڻي

سان ڌوئي ڪنهن ڏاهڙ جانور کي پيارجي تہ اهو مطيع ٿي ويندو. نيز اهي

ٽئي شعر هرڻ جي کل تي لکي اهڙي ماڻهوءَ جي ڏوري تي ٻڌجن، جنهن

جي زبان ۾ ڏرائي ۽ علم ۾ ڪمزوري هجي، تہ اهو انشاء الله فصيح بليغ

ٿيندو ۽ علم حاصل ٿيندس.

عاشق پنهنجي اتکل ۾ پورا ائين پاتوءِ

تہ لِکو رهندو لوڪ کان سيني سور سندوءِ

هڪ اوتڻ اَب اَکئون پيو من تي مچ ٻريوءِ

اهو سور سندوءِ پوندو پڌر پاڌهين

ڇا عاشق سمجهي ٿو تہ وڏ ڦڙي مِينهن وانگر وهندڙ اک ۽

دکندڙ ۽ ڏڳندڙ دل جي هوندي محبت لِکڻ واري شيءِ

آهي.

لَوۡلَا الۡهَوٰى لَمۡ تُرِقۡ دَمۡعًا عَلٰى طَلَلٍ
وَّلَا اَرِقۡتَ لِذِكۡرِ الۡبَانِ وَالۡعَلَمِ

جيڪر جُسي جان ۾ هُيئي تان نہ هوا

تہ پسي پَدَ پرين جا ڳاڙيئي نہ ڳوڙها

نيٽين ننڊ نہ ڪا، ساٽيہ ساري سِپرين

اگر توکي عشق نہ هجي ها تہ کنڊرن (يعني ٻلن) تي ڳوڙها

نہ وهائين ها ۽ نہ ئي "بان جي وڻ" (١) ۽ جبل (٢) جي

ياد ۾ راتيون جاڳندي گذارين ها. (٣)

فَكَيْفَ تُنْكِرُ حُبًّا بَعْدَ مَا شَهِدَتْ
بِهٖ عَلَيْكَ عُدُوْلُ الدَّمْعِ وَالسَّقَمِ

---

(١) ان مان مراد مکي جي ويجهو اهو وڻ آهي جنهن جي هيٺان پاڻ ڪريم ويهندا هئا ۽ اصحابن سان ڪچهري فرمائيندا هئا.

(٢) جبل مان ابو قبيس، حراء ۽ ثور مان کو جبل مراد آهي.

(٣) اگر کو مصيبتن ۽ ڏکن جو ستايل شخص جنهن کي دل تي بار ۽ فکرات هجن اهو هن شعر لَو لَا الهوىٰ کي الڳ الڳ حرف ڪري صوف تي لکي کائي، يا شيشي جي ٿانو تي لکي پاڻيءَ سان ڌوئي ان پاڻي کي پيئي تہ سندس دل جا غم غبار ختم ٿي ويندا.

اجا پڻ انهي حال برهہ باسين ڪين ڪي

عدل(١) اُپنا(٢) تو مٿي موچاري مقال

هڪ مرض ني مجال پيو لُڙڪن لهرون لائيون

...ون محبت جو انڪار ڪيئن تو ڪري سگهين، جڏهن تہ

...ان بابت تو تي بہ معتبر شاهد، هڪ اکين جا ڳوڙها ۽ پيو

...دل جي بيماري، موجود آهن.

وَاَثْبَتَ الْوَجْدُ خَطَّىْ عَبْرَةٍ وَّضَنًى
مِّثْلَ الْبُهَارِ عَلٰى خَدَّيْكَ وَالْعَنَمِ

گڏجي مُنهن گوندر سين هيدو ٿيوءِ هرير(٣)

گُلاَبِيَت گم ڪئي زردائي زرير(٤)

ڳانگن(٥) جيئن ڳهير(٦) ڳاڙين لڙڪ ڳلن تان

---

(١) شاهد. (٢) بينا. (٣) بدن.

(٤) هيداڻ. (٥) ڳاڙهو ڏٿ. (٦) وزندار، ڳرو، سنجيدو، بردبار.

۽ دل جي غمن ايئن ته به نشان، هڪ گلن جا ڳوڙها ۽ ٻيو

جسم جي ڏوبر، قائم ڪري ڇڏيا آهن، جيئن بهار جي گُل ۽

"عَنم" جي وڻ(١) جي هيداڻ ۽ سرخي هوندي آهي.

نَعَمْ سَرٰى طَيْفُ مَنْ اَهْوٰى فَاَرَّقَنِىْ
وَالْحُبُّ يَعْتَرِضُ اللَّذَّاتِ بِالْاَلَمِ

چي سُتي ڏنم سپرين لاله بي لبيب(٢)

نچنگ نند نماڻي جي نڙي نينهن نجيب

سندي حب حبيب لذتن کي لڙهائيو

هائو واقعي رات جو مون کي ان هستي جو خيال اچي ويو

(١) "بهار" هڪ خوشبودار گل جو نالو آهي، ان کي "عين البقر" به چوندا آهن ۽ "عنم" هڪ نرم شاخن وارو وڻ جنهن جو ميوو ڳاڙهي رنگ جو هوندو آهي، نيز ان جو ٻيو مطلب مينديءَ جو وڻ به آهي.

(٢) محبوب.

جنهن کي آءُ چاهيان ٿو، پوءِ ان خيال منهنجي نيٽين ننڊ

حرام ڪري ڇڏي ڇوته محبت لذتن کي درد ۽ هلاڪت

سان ختم ڪري ڇڏيندي آهي. (١)

يَا لَآئِمِيْ فِي الْهَوَى الْعُذْرِيِّ مَعْذِرَةً
مِنِّيْ إِلَيْكَ وَلَوْ أَنْصَفْتَ لَمْ تَلُمِ

تون جو چنين ڇاتي ڪي منجهان ڇڙٻ ڇِڪ

مون جو پُهه پرائيو، جي پيئين تهان پِڪ

ته مور نه مارين مسڪين کي توٽي ڏئين تِڪ

سندي سيٽ سڪ، مون مارينڊي ڪڏهين

---

(١) اگر ڪنهن کي پنهنجي زال بابت شڪ هجي ته اها ان ڪان

ڪا ڳالهه لڪائي رهي آهي ته اهو هن شعر نعم سريٰ طيف الخ کي تُرنج

جي پن تي لکي، ننڊ ۾ ان عورت جي ڪابي ٻُبي تي رکي ته اها ننڊ ۾ ئي

سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيندي.

بنو عذره جي ماڻهن وانگر(١) محبت جي باري ۾ مون کي

ملامت ڪرڻ وارا! منهنجي معذرت قبول ڪر، (يعني مون

کي معذور سمجهه) ۽ اگر تون انصاف پسند هجين ها ته

مون کي ملامت نه ڪرين ها.

عَدَتْكَ حَالِيْ وَلَا سِرِّيْ بِمُسْتَتِرٍ
عَنِ الْوُشَاةِ وَلَا دَائِيْ بِمُنْحَسِمِ

مڙيوئي تو معلوم ٿيو سيئي حال سندوم

رسيو راز رقيبن کي ڳجهه نه ٿيو ڳجهوم

مرض تان نه مٽيوم، هيڪاندي ٿي هوتن سين

تنهنجو به مون وارو حال ٿئي، يا توکي منهنجو حال معلوم ٿي

چڪو آهي، منهنجو حال چغلخورن کان لِڪڻ ڇپڻ وارو

(١) يمن ملڪ جو مشهور قبيلو جنهن جا ماڻهو حقيقي محبت ۽

پاڪيزه عشق ڪرڻ ۾ ضرب المثل هئا.

ڪونهي ۽ نه وري منهنجو مرض ئي ختم ٿيڻ وارو آهي.

مَحَضْتَنِي النُّصْحَ لٰكِنْ لَّسْتُ اَسْمَعُهٗ
اِنَّ الْمُحِبَّ عَنِ الْعُذَّالِ فِيْ صَمَمِ

وڙهڻ وير سندوءِ محض ڪارڻ منهنجي

نڪا طمع تنهن ۾ نڪوريُ رکيوءِ

پر عاشق حال اهوءِ، جيئن ٻوڙا ڪن ٻُڌڻ جا

تو مون کي خلوص سان نصيحت ڪئي ليڪن مون ته ان کي ٻڌو ئي ڪونه، ڇوته محبت ڪرڻ وارو، ملامت ڪندڙن طرفان ٻوڙو هوندو آهي.(١)

---

(١) اگر ڪنهن ماڻهوُ جي شرارت جو خوف هجي ته هن شعر مَحَضْتَنِي النُّصحَ الخ کي گول ڪاغذ تي لکي پڻڪي يا ٽوپيءَ ۾ وجهي نراڙ واري پاسي کان مٿي تي رکجي ته ان ماڻهوُ جي شرارتن کان محفوظ ٿي ويندو.

اِنِّیْ اتَّهَمْتُ نَصِیْحَ الشَّیْبِ فِیْ عَذَلِیْ
وَالشَّیْبُ اَبْعَدُ فِیْ نُصْحٍ عَنِ التُّهَمِ

پاڻان پيريءَ کي ڏنم ڏنجهه(١) ڏونگهن جا

سڪڻ ڪان سيڻن جي مون کي جهليائين ٿي

تهمت رکيم طمع جي رکيو تنهن مٿي

پيريءَ توءِ پري اند(٢) نه آڇڻ ان ۾

مون پنهنجي ملامت جي باري ۾ ڪراڙپ جي نصيحت کي

به قابلِ تهمت سمجهيم، حالانڪ ڪراڙپ ته نصيحت جي

حوالي سان تهمت کان گهڻو پري هوندي آهي.

فَاِنَّ اَمَّارَتِیْ بِالسُّوْءِ مَا اتَّعَظَتْ
مِنْ جَهْلِهَا بِنَذِیْرِ الشَّیْبِ وَالْهَرَمِ

---

(١) عذاب، تڪليفون. (٢) بهانو، عذر، رڪاوٽ.

اَجھل اَماري نفس نھوڙياس

مُڙت مَنايئون من ۾ ڪڏھن نہ ٿي ڪيڏاس

نڪا ٿھر(١) ٿياس پسي پھہ پيري جا

منھنجي نفس اماره، محض پنھنجي جھالت سبب پيرسنيءَ

جي ڏيکاريندڙ ڪان بہ نصيحت حاصل نہ ڪئي.

وَلَا اَعَدَّتْ مِنَ الْفِعْلِ الْجَمِيلِ قِرٰى
ضَيْفٍ اَلَمَّ بِرَاْسِيْ غَيْرَ مُحْتَشِمِ

سمر سانياءُو سفر جو چگي چتُ(٢) نہ ڏي

عزت ڏي نہ اچن ڪي جي التيا سرَ اُتي

ڪورنش ڪانہ ڪري موران مھمان جي

۽ مون پنھنجي ان مھمان لاءِ، جيڪو منھنجي مٿي ۾ لٿو

آھي(٣) ۽ نفس جي نزديڪ غير معزز آھي(٤)، چگن

(١) ٿھرَڻ: ھڪ جاءِ تي ويھڻ، رُڪجڻ. (٢) خيال، سمجھہ.

(٣) ان مان مراد آھي مٿي جا وار اڇا ٿي وڃڻ.

(٤) چوتہ نفس ڪڏھن بہ ڪراڙپ کي پسند ڪونہ ڪندو (حاشيو ھلندڙ)

ڪمن جي ڪابه مهماني تيار ڪونه ڪيم.

لَوْكُنْتُ اَعْلَمُ اَنِّيْ مَا اُوَقِّرُهٗ
كَتَمْتُ سِرًّا بَدَالِيْ مِنْهُ بِالْكَتَمِ

آيا جي اَچام جيڪر پانيان تَنِئو
ته پونهانپوءِ نه پڄندي حرمت ڪا هتام
ته لوڪان لڪايام، ڪارا ڪري ڪيس سين

اگر مون ڪي خبر هجي ها ته آءُ ان جي عزت ڪونه ڪندس، ته مان ان جي طرفان ظاهر ٿيڻ واري راز ڪي "ڪتم" (١) سان لڪائي ڇڏيان ها.

مَنْ لِّيْ بِرَدِّ جِمَاحٍ مِّنْ غَوَايَتِهَا
كَمَا يُرَدُّ جِمَاحُ الْخَيْلِ بِاللُّجُمِ

(بقيه حاشيو) آهي، هرو ڀرو به پنهنجو پاڻ ڪي جوان پيو سڏرائيندو.

(١) "وسمو" هڪ ٻوٽو آهي جنهن مان خضاب ٺاهي وارن ڪي رنگبو آهي جيئن ميندیءَ سان رنگبو آهي.

واڳ نه منهنجي وس ۾ نه هَلَيم سَجهه سيٽاس

هٽي تٽي هولن سين سرڪش سٽياس

موڙين مرشد مهر سين انهي اٽاياس

ڪامل جهل ڪيٽاس، ڏيئي الياٽ(١) ادب جو

ڪاش! ڪو شخص منهنجي نفس جي سرڪشي ڪي روڪي، جيئن سرڪش گهوڙا لغامن سان روڪبا آهن.

فَلَا تَرُمْ بِالْمَعَاصِيْ كَسْرَ شَهْوَتِهَا
إِنَّ الطَّعَامَ يُقَوِّيْ شَهْوَةَ النَّهِمِ

مَ ڪر تن ٽٽون ته موڙيان نفس مَناين سين

جي هيرين تان هڪ نه جُهري تئي ڪم نه ڪٽون

جي ڪيندڙ ڪاءِ گهٽو، ته پر وڏي خوشي ڪاڄ تي

گناهن جي ذريعي نفس جي شهوتن ڪي توڙڻ جو قصد نه ڪرڇو ته طعامُ حريص شخص جي شهوت ڪي مضبوط ڪندو آهي.

---

(١) لغام.

وَالنَّفْسُ كَالطِّفْلِ اِنْ تُهْمِلْهُ شَبَّ عَلٰى
حُبِّ الرِّضَاعِ وَاِنْ تَفْطِمْهُ يَنْفَطِمِ

نفس ننڍڙي ٻار جيئن جي مٿي ڪير ڪري
تہ وڃي سو وڏپڻ سين ئي وري ڪونہ وري
ڪراتڻ ڪري، ڇني ڇڏ ڇوڪر ڪي
نفس تہ ڪير پياڪ وانگر آهي، اگر ان ڪي ڍر ڏينديں تہ ڪير پيئڻ جي محبت ۾ خواهش تي جوان ٿي ويندو، پر جيڪڏهن تون ان جو ڪير بر وقت ڇڏائينديں تہ ڪير ڇڏي بہ ڏيندو.

فَاصْرِفْ هَوَاهَا وَحَاذِرْ اَنْ تُوَلِّيَهٗ
اِنَّ الْهَوٰى مَا تَوَلّٰى يُصْمِ اَوْيَصِمِ

هرگز ڪي هواءِ ڏج م پُڄت پاڻ تي
وڃي ڪنهن وجهہ سين دُرڙي (١) لڏو داءُ (٢)
تہ سوجهي ڪيندءِ ساه، جان ڪاريندءِ ڪيٽن سين

(١) پورڙو، بيوقوف. (٢) فريب، ڏوڪو.

ان جي خواهش کي روڪ ۽ ان جي غلبي کان بچ، ڇوته
جڏهن به خواهشون غالب ٿينديون آهن ته هلاڪ ڪري
وجهنديون آهن يا عيبدار بڻائي ڇڏينديون آهن.

وَرَاعِهَا وَهِيَ فِي الْاَعْمَالِ سَائِمَةٌ
وَّاِنْ هِيَ اسْتَحْلَتِ الْمَرْعىٰ فَلَا تُسِمِ

سندي نفس نيڪ رکج چيت(١) چڱاين ۾
چريو ٿي چانگي جيئن چوڙي چڏ مَ چيڪ
جي وجي ڪيائين ويڪ، ته پوءِ مَ ڇڏج پينڌري

ان تي نظر رک ۽ نگراني ڪر، جڏهن اهو نيڪ عملن ۾
چرندڙ (مصروف) هجي، ۽ اگر ان کي وِيُ مٺو لڳي ته پوءِ ان
کي چرڻ نه ڏي.

كَمْ حَسَّنَتْ لَذَّةً لِّلْمَرْءِ قَاتِلَةً
مِّنْ حَيْثُ لَمْ يَدْرِ اَنَّ السَّمَّ فِي الدَّسَمِ

(١) چيت: سوچ، خيال، فکر، ڌيان.

کرو ٿي ﭘﻮء ڪاءُ مَ چڏ مت(١) مزن ۾

منو چنو ياڻين لذتن سندو لاءُ(٢)

ايُ جو سٽيو ساءُ، سو متان قاتل ڪيف جو

ڪيترائي ڀيرا ايئن ٿيو آهي جو نفسَ انسان جي قاتل شين کي به ايئن ته خوبصورت بنائي پيش ڪيو جو ان کي خبر ئي ڪونه پئي ته سٽيي ڪاڏي ۾ زهرملِيل آهي.

وَاخْشَ الدَّسَائِسَ مِنْ جُوعٍ وَّمِنْ شَبَعٍ
فَرُبَّ مَخْمَصَةٍ شَرٌّ مِّنَ التُّخَمِ

نِندا ء نه لڪ_وهم وجهيو وِترا(٣)

ڪڏهن ڏاري ڏوَ تي ڪڏهن ڀاسي بُڪَ

سهسين ڀيرا لڪ، ڪا بُڪَ به بڇڙي ڏوَ ڪان

(١) عقل، سمجهه. (٢) مزو، ذائقو، سواد.

(٣) وِترا: جلد، تيز.

بک ۽ پيٽ پرائي جي مکر ۽ فريبن کان بچ، چو ته کڏهن کڏهن زيادہ بک به، بد هضميُ کان وڌيک خراب هوندي آهي.

وَاسْتَفْرِغِ الدَّمْعَ مِنْ عَيْنٍ قَدِ امْتَلَأَتْ
مِنَ الْمَحَارِمِ وَالْزَمْ حِمْيَةَ النَّدَمِ

هارئا جر هلاءِ اکنئون اوتون کري

ميرائي محارم(١) جي ونين کان وڃان ۽

ويرو تار وڏاءِ، پشيماني پاڇن تي

نيٽن مان نيرَ وهاءِ جيکي حرام کمن ۽ حرام شين کي ڏسڻ سان پرجي ويا آهن ۽ ندامت جي پرهيز کي اختيار کر.(٢)

وَخَالِفِ النَّفْسَ وَالشَّيْطَانَ وَاعْصِهِمَا
وَإِنْ هُمَا مَحَضَاكَ النُّصْحَ فَاتَّهِمِ

---

(١)حرام کم ۽ حرام شيون.

(٢) يعني جيکا ندامت سان حاصل ٿئي.

نفس ۽ ابليس جي اندر عداوت اڏ

انهن سندي ڳالهڙي هنئين سين مَ هڏ

سچو تن مَ سڌ، جي ٿينئي سوکي(١) ساھ جا

نفس ۽ شيطان جي (٢) مخالفت ڪر ۽ ٻنهي جي نافرماني

ڪر، اگرچه اهي تنهنجي خالص خير خواهي ڪن، تڏهن به

تون انهن کي ڪوڙو ڄاڻ.

وَلَا تُطِعْ مِنْهُمَا خَصْمًا وَّلَا حَكَمًا
فَاَنْتَ تَعْرِفُ كَيْدَ الْخَصْمِ وَالْحَكَمِ

قضا تي ڪوڙن جي پورا پِرُ مَ ڏي

جهيڙو جوٽي هيڪڙو قاضي پيو ڪري

دغا درڙن(٣) جي، تو پڇت ناه پروڙ جي

---

(١) خير خواهه

(٢) جنّات مان هجي خواه انسانن مان.

(٣) مڪّاو، عيار، ٺڳ.

انهن ٻنهي جي اطاعت نہ ڪر، چاهي اهي تنهنجا خصم

هجن يا حَڪَم(١) ڇو تہ تون خصم ۽ حَڪَم جي فريب ڪي

ڄاڻين ٿو.(٢)

اَسْتَغْفِرُاللّٰہَ مِنْ قَوْلٍ بِلَا عَمَلٍ
لَقَدْ نَسَبْتُ بِہٖ نَسْلًا لِّذِیْ عُقُمٍ

مَرِهَ (٣) مڱا ٿو مالڪ کان انهي اُٽايا

جيئن چوان تان چڱي ڪريوآءُ نہ ڪريان سا

وصف سندي وِياءَ، رڪيم سُڇهم(٤) سند تي

---

(١) "خصم" ظاهر دشمن ۽ "حڪم" مُنصِف ۽ حاڪم.

(٢) گنهگار شخص هي بہ شعر وخالف النفس ۽ ولا تطعهما الخ جمع جي نماز کان بعد لکي عرقِ گلاب ۾ ڌوئي پيئي ۽ ان کان بعد عشاء نماز تائين دل ۾ خوفِ خدا رکي قبلي طرف منهن ڪري ويهي ۽ درود پڙهندو رهي، آخر ۾ گناهن کان معافيءَ جي دعا گهري تہ انشاء اللّٰہ پنهنجي نفس تي غالب اچي ويندو.

(٣) معافي. (٤) ڄاٽي واٽي.

آءَ بنا عمل جي ڳالهه تي الله کان معافي گهران ٿو، بقسم اهڙي ڳالهه چئي (١) مون سنڌ عورت ڏانهن ٻارَ ٿيڻ جي نسبت ڪئي اٿم.

أَمَرْتُكَ الْخَيْرَ لٰكِنْ مَا ائْتَمَرْتُ بِهِ
وَمَا اسْتَقَمْتُ فَمَا قَوْلِيْ لَكَ اسْتَقِمِ

چوان ٿو چڱي ڪر، آءٌ نه ترسان ٿِت ڪوجهي اِيُ ڪِرت، آچڻ، اُچڻ نه اُتهين مون توکي ته نيڪيُ جو حڪم ڏنو، ليڪن خود ان تي عمل نه ڪيم ۽ نه ان تي قائم رهيم، ته پوءِ توکي منهنجي ان چوڻ جو ڪهڙو فائدو ته سڌي راهه تي قائم رهه.

وَلَا تَزَوَّدْتُ قَبْلَ الْمَوْتِ نَافِلَةً
وَلَمْ أُصَلِّ سِوٰى فَرْضٍ وَّلَمْ أَصُمِ

(٣) يعني ٻين کي نصيحت ڪرڻ ۽ پاڻ عمل نه ڪرڻ.

موران مَهَند مرڻ کان نفل نه نِيتيومِ

سوا فرض نماز جي ڪڏهن ڪين پڙهيوم

روزو ڪونه رکيوم، بنان روزن رمضان جي

موت کان اڳ نفلن جو زادِ راهه تيار ڪونه ڪيم ۽ فرض کان علاوه پيون ڪي نمازون به ڪونه پڙهيم ۽ روزا به ڪونه رکيم.

ظَلَمْتُ سُنَّةَ مَنْ اَحْيَ الظَّلَامَ اِلٰى
اَنِ اشْتَكَتْ قَدَمَاهُ الضُّرَّ مِنْ وَّرَمٍ

طلب وڃايم تات، سنت سندي سردار جي

جنهن ريجهايو رحمان کي اُتي آڌيءَ رات

جاڳي سڄي رات، تي سُوڄا پير سيد جا

مون ان هستي جي سنت تي ظلم ڪيم جنهن راتيون جاڳي

گذاربوڻ(١) ايتري قدر جو ان جي قدمن مبارڪن ۾ ورم جي شڪايت ٿي پئي.

وَشَدَّ مِنْ سَغَبٍ اَحْشَاءَهُ وَطَوٰى
تَحْتَ الْحِجَارَةِ كَشْحًا مُتْرَفَ الْاَدَمِ

چست ٻڌو ٿي چيلھه کي هر دم هوت حبيب
ڪارڻ پلڻ پياس جي آندن کي عجيب
نازڪ نور نجيب، پھڻ ٻڌا ٿي پيٽ تي

۽ بک سبب پنھنجو پيٽ ٻڌائين ۽ نازڪ ڪُل وارن پاسن تي پٿر ويڙهيائين.

وَرَاوَدَتْهُ الْجِبَالُ الشُّمُّ مِنْ ذَهَبٍ
عَنْ نَّفْسِهٖ فَاَرَاهَا اَيَّمَا شَمَمِ

(١) امت جي فڪر ۽ خدا جي عبادت ۾.

وڏا ڏونگر ڏار، جي اتکن پيا اپ ۾

سونا تي سامهان ٿيا سِرِي کي سردار

ته به ماڻڪ مٽيادار، اک نه کنئي تي ان ڏي

سون جي وڏن جبلن حضور پاڪ کي هِرکايو(١) پر پاڻ

انهن کي ڌيڪاريائون ته پاڻ ڪيترا نه مٽانهان آهن.

وَاَكَّدَتْ زُهْدَهٗ فِيْهَا ضَرُوْرَتُهٗ
اِنَّ الضَّرُوْرَةَ لَاتَعْدُوْ عَلَى الْعِصَمِ

جيئن جيئن هونِ ضرور، تيئن تيئن تکا ترڪ ۾

لِچئا(٢) تان نه لمحو متاعن ڏي مور

عصمت مٿي اُورَ،(٣) ڪهڙي زور ضرور کي

(١) ابو قبيس، حرا، ثور، بطحا ۽ عرفات جي جبلن عرض ڪيو ته اسان توهان لاءِ سون ٿيڻ چاهيون ٿا. ليکن پاڻ صلي الله عليه وسلم بي نيازيءَ سان انهن جي ان پيشڪش کي رد فرمائي ڇڏيائون.

(٢) جُهڪيا، مائل ٿيا. (٣) حملو.

۽ سون جي جبلن ۾ ظاهري ضرورت سندس زهد (دنيا کان بي رغبتي) کي مزيد مضبوط ڪري ڇڏيو، ڇوته ضرورت عصمت تي غالب نه اچي سگھندي آهي.

وَكَيْفَ تَدْعُوْا إِلَى الدُّنْيَا ضَرُوْرَةُ مَنْ
لَوْلَاهُ لَمْ تَخْرُجِ الدُّنْيَا مِنَ الْعَدَمِ

ڪنهن پر دنيا ڏي ڪوني تنهن ضرور
جي جاني هئا نه جهان ۾ ته مور نه ٿيو معمور
دنيا جو دستور، عدم ڪان نه اپائيو

پلا ضرورتون ان هستيءَ کي دنيا ڏانهن ڪيئن مائل ڪري سگھنديون، جو اگر اها هستي نه هجي ها ته دنيا عدم کان وجود ۾ ئي نه اچي ها.

مُحَمَّدٌ سَيِّدُ الْكَوْنَيْنِ وَالثَّقَلَيْنِ
وَالْفَرِيْقَيْنِ مِنْ عُرْبٍ وَّمِنْ عَجَمِ

مهڙ محمد صلي الله عليه وسلم کارڻي دنيا آخرت

انس، جن احمد صلي الله عليه وسلم کي ثيا سلامي سيت

ڪوڙئين ڪن ڪيرت،(١) عرب عجم ان کي

محمد صلي الله عليه وسلم ڪونين جو ۽ جنن انسانن ۽

عرب و عجم جي ٻنهي فريقن جو سردار(٢) آهي.

نَبِيُّنَا الْاٰمِرُ النَّاهِىْ فَلَآ اَحَدٌ
اَبَرَّ فِىْ قَوْلِ لَا مِنْهُ وَلَا نَعَمِ

---

(١) ڪيرت: تعريف، ثنا، ذڪر.

(٢) قِيلَ فِىْ تَعْرِيْفِهٖ هُوَ الَّذِىْ يَلْجَأُ اِلَيْهِ النَّاسُ فِىْ حَوَائِجِهِمْ. يعني سَيِّدُ (سردار) ان کي چئبو آهي جنهن ڏانهن ماڻهو پنهنجون ضرورتون کڻي اچن.

نازڪ نور نبي، مالڪ منع آڇ جو
جِهڙَسِ ناهي جڳ ۾ ڪو سالم سخي
وَرنَهُ(١) وير(٢) وَفي، ڪنهن نه ڏڪوئي ڪڏهين

اسان جو نبي هر نيڪي جي حڪم ڏيڻ ۽ هر برائيءَ کان منع ڪرڻ وارو اهڙو ته آهي جو "هائو" ۽ "نه" چوڻ ۾ (٣) ان کان زياده سچو ٻيو ڪير به ڪونهي.

هُوَالحَبِيبُ الَّذِى تُرجىٰ شَفَاعَتُهٗ
لِكُلِّ هَوْلٍ مِّنَ الاَهْوَالِ مُقْتَحِمِ

---

(١) ورنَهُ: بهادر، داناء، ڳڀرو جوان.

(٢) وِيرِ: وقت، ساعت، گهڙي.

(٣) "هائو" ۽ "نه" مان مراد ڪنهن به شيءِ جو ڏيڻ يا نه ڏيڻ ڪونهي، بلڪه ان مان مراد هي آهي ته ڪنهن به شيءِ يا ڳالهه جي نفي ۽ اثبات ۾ حضور کان وڌيڪ سچو ٻيو ڪير به ڪونهي.

احمد ﷺ سندو آسرو چٽيو پُٽان چت

جت هنيان ڦاٽن هيبت سين، عربي ايندو اُت

بي پيٽي ناهي پتِ بِنَان شفاعت شفيع جي

اهوئي هڪ، اهڙو محبوب آهي جو انسانن تي ايندڙ هر

سختي ۽ مصيبت ۾ ان جي شفاعت جي اميد ڪجي ٿي. (١)

دَعَا اِلَى اللّٰهِ فَالْمُسْتَمْسِكُوْنَ بِهٖ
مُسْتَمْسِكُوْنَ بِحَبْلٍ غَيْرِ مُنْفَصِمِ

ڪوٺي ٿو ڪريم ڏي، مِڙ نئو مُرسل مِير

جنيهن ميڄيو مصطفيٰ صحياً مان سرير

سُتُرُ(٢) لنگهيندا سير، (٣) وڃڻ ناه وچ ۾

---

(١) ان مان پنهي جهانن جون مص ، مـ آهي.

(٢) سُتُرُ: اهو پتڻ جتي پيڙي آساني سان لنگر انداز ٿي سگهي. "ڏُتر ۽ اوتڙ" جو ضد.

(٣) سِير: درياءَ ۽ سمنڊ جي سير، مصيبت.

ان ماڻهن کي الله پاڪ ڏانهن سڏيو، پوءِ ان جي لڙهه لڳڻ وارا اهڙي ته لڙهه لڳا آهن جيڪا ڪڏهن به ڪونه ڇڄندي.

فَاقَ النَّبِيِّينَ فِي خَلْقٍ وَّفِي خُلُقٍ
وَّلَمْ يُدَانُوْهُ فِي عِلْمٍ وَّلَا كَرَمٍ

ڪامل نبي ڪُل، احمد ﷺ اڪمل اُن ۾
صورت ۽ سيرت ۾ سندس تُل نه مُل
جهڙس ناه اصل، ڪوئي علم ڪرم ۾

اهو سمورن نبين کان صورت ۽ سيرت ۾ فائق آهي ۽ اهي سندس علم ۽ ڪرم کي پهچي نه سگهيا.

وَكُلُّهُمْ مِنْ رَسُوْلِ اللهِ مُلْتَمِسٌ
غَرْفًا مِّنَ الْبَحْرِ اَوْ رَشْفًا مِّنَ الدِّيَمِ

منجهان فيض رسول جي پاڻي پوڄ پين

ڪي سي ڏونم(١) درياء مان ڀيڪڙ ساڻ ٻڪن

منجهان مينهن ڦڙ ن وٺن فيض فهيم ڪي

۽ اهي سڀ نبي سڳورا رسول الله صلي الله عليه وسلم جي علم جي درياء ۽ ڪرم جي برسات(٢) مان ڇُر، يا لپ جيترو ۽ هڪ ڇُسڪ جيترو وٺڻ جا طلبگار (٣) آهن.

---

(١) وٺن جي ڀڃن مان ٺهيل وٺي.

(٢) شعر ۾ "دِيَم" جو لفظ آهي، جنهن جي معني آهي اُها برسات جيڪا بغير ڪوڙڪ ۽ ڪِنوڻ جي مسلسل وسندي رهي.

(٣) شعر ۾ "مُلْتَمِسٌ" جو لفظ آهي، منصب ۾ برابر واري ماڻهوءَ کان گهرڻ لاءِ التماس چئبو آهي. هتي اهو لفظ ان ڪري استعمال ڪيو ويو آهي جو سمورا نبي سڳورا نبوت جي منصب ۾ برابر آهن. ڪنهن به جائز حاجت وارو ماڻهو هُوَ الحَبِيبُ الَّذِي الخ شعر کي هڪ جاءِ تي هڪ هزار هڪ دفعو پڙهي ته سندس حاجت پوري ٿي ويندي.

مُنَزَّهٌ عَنْ شَرِيكٍ فِي مَحَاسِنِهٖ
فَجَوْهَرُ الْحُسْنِ فِيهِ غَيْرُ مُنْقَسِمِ

حُسن جي حبيب جي هنڌين ماگين هاڪ
صورت سرور چام جي اڏ، پتيءَ ڪان پاڪ
جنهنجي ڏريائين ڏاڪ، تنهن حسن سمورو هٿ ڪيو

پاڻ صلي الله عليه وسلم پنهنجي صورت ۽ سيرت جي ڪمالات ۾ شريڪ ڪان پاڪ آهي، ان ڪري سندس ذات ۾ حسن جو جوهر غير مشترڪ ۽ ناقابلِ تقسيم آهي.

وَانْسُبْ إِلٰى ذَاتِهٖ مَا شِئْتَ مِنْ شَرَفٍ
وَانْسُبْ إِلٰى قَدْرِهٖ مَا شِئْتَ مِنْ عِظَمِ

وڻيئي سا وصف ڪر، چوڪي ذات سندياس
ماڻڪ وار مدح جا مثل مينهن مٿاس
اگر عظمتاس، قدر قرارو انجو

سندس ذات مبارڪ ڏانهن وڏي ڪان وڏو شرف منسوب

ڪر، جيڪو بہ توڪي وڻين، ۽ توڪي جيڪا بہ عظمت پسند

اچي اها سندس مرتبي جي بلنديءَ ڏانهن منسوب ڪر.

وَوَاقِفُوْنَ لَدَيْهِ عِنْدَ حَدِّهِمُ
مِنْ نُقْطَةِ الْعِلْمِ اَوْمِنْ شَكْلَةِ الْحِكَمِ

چِڪي چِڪي ڇيهہ، جھونجھارن (١) جِت ڪيو

اُو اول علم رسول جو لڌان تان نہ لَدَيہ (٢)

جو سيد جو ساڻيهہ، انهن آخر اُتهين

۽ تمام نبي سڳورا حضور جي آڏو پنهنجي حد ۽ مرتبي

مطابق ائين بيٺا آهن جيئن علم جي آڏو هڪ نقطو، يا

حڪمت جي آڏو اعراب. (٣)

---

(١) بهادرن، پهلوانن. (٢) ان وٽ.

(٣) اعراب جي معنيٰ آهي زير، زبر ۽ پيش، مطلب تہ (حاشيو هلندڙ)

فَهُوَ الَّذِي تَمَّ مَعْنَاهُ وَصُورَتُهُ
ثُمَّ اصْطَفَاهُ حَبِيبًا بَارِئُ النَّسَمِ

معني ۽ صورت ۾ ڪامل سو ڪريم

صورت گھڻو سھڻو ۽ عزت منجھ عظيم

رھبر ربّ رحيم، ذرڙان ڏٺي ڏار ڪيو

پاڻ اھا ھستي آھن جيڪا پنھنجي ظاھري ۽ باطني ڪمال ۾ مڪمل آھي، پوءِ ڪيس خالقِ اڪبر پنھنجو حبيب منتخب فرمايو.

(بقيه حاشيو) انبياء عليھم السلام نبي پاڪ جي آڏو ايئن حاضر ۽ ادب سان پنھنجي حد تي خاموش آھن جيئن عبارت تي زيرون، زبرون ۽ پيش ھوندا آھن، ۽ حضور جي علم مبارڪ آڏو انھن جو علم ايئن آھي جيئن ڪتابِ علم تي نقطا يا اعرابون.

فَاِنَّ فَضْلَ رَسُوْلِ اللّٰهِ لَيْسَ لَهٗ
حَدٌّ فَيُعْرِبَ عَنْهُ نَاطِقٌۢ بِفَمِ

فضل تنهن فهيم جو مڙنئون ٿيو مٿي
پڄت ناه پروڙ جي نه سمجهڻ جي سَندي
قدرت نه ڪَنهِينکي جو ڪري وصف وات سين

بيشڪ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي فضل ۽ ڪمال جي ڪا به حد ڪونهي، جو ڪو فصيح البيان شخص ان کي بيان ڪري سگهي.

لَمْ يَمْتَحِنَّا بِمَا تَعْيَى الْعُقُوْلُ بِهٖ
حِرْصًا عَلَيْنَا فَلَمْ نَرْتَبْ وَلَمْ نَهِمِ

حڪم سڀ حڪيم جا چٽا صاف ٿيا
پارانيا(١) پرين جا نه پرولي(٢) پيا
سرور صاف چيا، نڪي شڪ نه حيرت ۾

(١) پيغام. (٢) ڳجهارت.

پاڻ صلي الله عليه وسلم محض اسان جي هدايت ۽ خير خواهي جي حرص سبب، عقل کي عاجز ڪرڻ وارن ڪمن ذريعي اسان کي آزمائش ۾ نه وڌائون، پوءِ اسان نه شڪ ڪيوسين ۽ نه ئي حيرت زده ٿياسين. (١)

وَكَيْفَ يُدْرِكُ فِي الدُّنْيَا حَقِيقَتَهُ
قَوْمٌ نِيَامٌ تَسَلَّوْا عَنْهُ بِالْحُلُمِ

(١) مطلب ته چونڪ پاڻ سڳورا قرآن شريف جي ارشاد حَرِيصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَؤُفٌ الرَّحِيْم مطابق اسان جي هدايت ۽ خير خواهي چاهيندڙ آهن، ان ڪري سندس شريعت جو ڪوبه حڪم اهڙو ڪونهي جيڪو آسانيءَ سان ادا نه ڪري سگهجي، يا ان جي سمجهڻ کان عقل عاجز هجي، بلڪ سندن فرمان اَتَيْتُكُمْ بِالْحَنِيْفَةِ السَّهْلَةِ السَّمْحَا مطابق پاڻ نهايت آسان، صاف ۽ واضح دين آندائون جنهن جون تعليمات عين عقل مطابق آهن، ان ڪري سندس دين ۾ اسان کي ڪوبه شڪ ۽ حيرت ڪونهي.

ڪهڙي سرت سماء مرسل سندي مورکين (١)

جاڳيا جي نه جهان ۾ موران نند منجها

سهڻي سمجهايا (٢) پاڻ پراهون سپرين

دنيا ۾ سندس حقيقت (خاص ڪمال) جو ادراڪ ۽ احاطو

اُها قوم ڪيئن ڪري سگهندي، جيڪا ان حقيقت کان

غافل ۽ خوابن تي مطمئن آهي. (٣)

لَوْ نَاسَبَتْ قَدْرَهٗ اٰيَاتُهٗ عِظَمًا
اَحْيٰى اسْمُهٗ حِيْنَ يُدْعٰى دَارِسَ الرِّمَمِ

---

(١) بيوقوفن کي.

(٢) ڏيکاريا، معلوم ڪرايا.

(٣) يعني دنيا وارن کي سندن حقيقتِ محمدي جو ادراڪ ٿي ئي نٿو سگهي، ڇوته انهن ته پاڻ صلي الله عليه وسلم کي ايئن ڄاتو سڃاتو آهي جيئن ڪير ڪنهن کي خواب ۾ ڏسي مطمئن ٿي وڃي.

شافعَ سندو شانُ معجزئون مٿي ٿيو

موران تني مانَ سين نسبت ناه نڌان(١)

نت جاڳيا منجهه جهان هڏا نالي هوت جي

اگر پاڻ سڳورن جا معجزا سندس عظمت ڪمال جي مناسب هجن ها ته پوءِ ته سندن نالي وٺڻ سان بوسيده هڏيون به زنده ٿي پون ها.(٢)

---

(١) توڙ، پڇاڙي، حد، انتها.

(٢) ان جو مطلب اهو ڪونهي ته حضور کي مئل ماڻهن کي زنده ڪرڻ جو معجزو ڪونه هيو، بلڪ ان جو مطلب اهو آهي ته سندن وصال کان بعد پاڻ ڪريمن جي نالي وٺڻ سان مئلن جو زنده ٿيڻ ڪونهي. ڇوته اگر ائين هجي ها ته پوءِ بعد ۾ ايمان آڻڻ وارن جو ايمان مشاهدي ۽ تجربي جي بنياد تي هجي ها، غيب تي نه هجي ها، يعني اهي حضور جي نالي مبارڪ جو اهو ڪمال ۽ معجزو ڏسي مؤمن ٿين ها. حالانڪ "ايمان بالمشاهدة" کان زياده اهم "ايمان بالغيب" آهي جيئن (حاشيو هلندڙ)

أَعْيَى الْوَرٰى فَهْمُ مَعْنَاهُ فَلَيْسَ يُرٰى
لِلْقُرْبِ وَالْبُعْدِ فِيْهِ غَيْرُ مُنْفَحِمِ

حقيقت حبيبن جي ماڻهن لڌي نه مور
چلن نه چوگان ۾ چُڪي ٽيڙا چور
اوڏا توڻي ڏور، سڀئي حيرت هوء ۾

سموري مخلوق کي سندس ڪمال جي سمجهڻ ٿڪائي وڌو، پوءِ ڪوبہ حضور جي اوڏو يا حضور کان پري اهڙو نظر ڪونه ٿو اچي جيڪو سندس ڪمال کي سمجهڻ ۾

(بقيہ حاشيو) قرآن ۾ بہ ان جي تعريف آئي آهي يؤمنون بالغيب.

خاصيت: سڪرات واري ماڻهوءَ تي هي شعر لو ناسبت قدره الخ پڙهجي، اگر حياتي پوري هوندس تہ آسانيءَ سان موت ٿيندس، ۽ اگر حياتيءَ جا ڏينهن باقي هوندس تہ ان سختيءَ مان افاقو ٿيندس ۽ پريشانيءَ کان آجو ٿي ويندو.

عاجز نه هجي. (١)

كَالشَّمْسِ تَظْهَرُ لِلْعَيْنَيْنِ مِنْ بُعُدٍ
صَغِيرَةً وَّتُكِلُّ الطَّرْفَ مِنْ اَمَمِ

مثل مرسل مير جو جاٽج سج سماء اتاهون پانئين آکين ۾ ننڍو منجهه نگاه پر انهي جي اُهاءُ (٢)، همه کي هيٺو ڪيو سندس ڪمال سج وانگر آهي جيڪو پري کان ته هر اک کي ننڍڙو نظر ايندو آهي پر ويجهي کان اک کي عاجز ڪري وجهندو آهي. (٣)

فَمَبْلَغُ الْعِلْمِ فِيهِ اَنَّهُ بَشَرٌ
وَّاَنَّهُ خَيْرُ خَلْقِ اللّٰهِ كُلِّهِمِ

---

(١) مقصد ته نه صرف حضور کان بعد واري زماني جا ماڻهو سندن شان ۽ ڪمال کي سمجهڻ کان عاجز آهن بلڪ سندن زماني مبارڪ ۾ موجود صحابي سڳورا به سندن شان ۽ ڪمال کي سمجهڻ کان عاجز هيا.

(٢) روشني، چمڪ.

(٣) يعني بظاهر ته پاڻ هڪ انسان ئي نظر ايندا آهن، پر (حاشيو هلندڙ)

پڄت بي نه پروڙ جي هُنن هن سوا
ته احمد ﷺ آهي آدمي مخلوقن منجها
۽ پڻ خير وريُ، متي مڙنئون مان ۾

حضور جي ڪمال ۽ شان جي باري ۾ ماڻهن جي علم جي انتها هي آهي ته پاڻ صلي الله عليه وسلم انسان آهي، حالانڪ پاڻ الله جي سموري مخلوق کان بهتر آهي.

وَكُلُّ آيٍ أَتَى الرُّسُلُ الْكِرَامُ بِهَا
فَإِنَّمَا اتَّصَلَتْ مِنْ نُّوْرِهٖ بِهِمِ

جيڪو مليو مان، معجزن جو مُرسلين
سرور سير سمند مان دهرو ملين دان
نبي نور نشان، وڻ نڙ واسي وٽ ۾

(بقيه حاشيو) جڏهن سندن ذات جي جمال ۽ صفات جي ڪمال ۾ غور ڪبو ته غور ڪرڻ وارو عاجز ۽ حيرت جي درياءَ ۾ غوطه زن ٿي ويندو ۽ حقيقتِ محمديه ۽ مراتبِ درجات کي سمجهڻ کان قاصر رهجي ويندو آهي.

۽ جيڪي به معجزا رسولَ سڀئي ڪٽي آيا، اهي انهن کي حضور پاڪ جي نور مان ئي حاصل ٿيا.

فَاِنَّهٗ شَمْسُ فَضْلٍ هُمْ كَوَاكِبُهَا
يُظْهِرْنَ اَنْوَارَهَا لِلنَّاسِ فِي الظُّلَمِ

سرور سڀ سڄاڻ مرسل تارا تنهنجا
وٽيو وڃن ورنهه ڪان اُهاء(١) جي اُماڻ(٢)

پڌرو ڪن ٿا پاڻ، اونداهي ۾ عالم تي

چو ته اهو فضيلت جو سج آهي ۽ انبياء سڀئي ان سج جا تارا آهن، جيڪي انڌيري ۾ ماڻهن لاءِ ان سج جا انوار ظاهر ڪن ٿا.(٣)

اَكْرِمْ بِخَلْقِ نَبِيٍّ زَانَهٗ خُلُقٌ
بِالْحُسْنِ مُشْتَمِلٍ بِالْبِشْرِ مُتَّسِمِ

---

(١) روشني.

(٢) ونڊ، ڀاڱو.

(٣) شعر ۾ "انوارها" جي لفظ ۾ "ها" ضمير، شمس (حاشيو هلندڙ

جهڙو صورت سهڻو، تهڙيون وصفون وير

حسن هوت حبيب جو مثل ماه منير

سرور جام سڌير، عالم سڀ آباد ڪيو

نبي پاڪ جي ذات ڪيڏي نه خوبصورت آهي، جنهن کي خوش اخلاقيءَ مزيّن ڪيو، ۽ اها ذات حسن جي تمام انواع تي مشتمل ۽ بشاشة(١) سان موصوف آهي.

(بقيه حاشيو) ڏانهن موٽي ٿو، جنهن مان ظاهر آهي ته نبي سڀ ڳورا پنهنجي پنهنجي وقت ۾ ماڻهن کي هدايت جي جيڪا روشني پهچائيندا هئا، اها در حقيقت حضور جي نورِنبوت جي روشني هئي، جيڪي فيض رسائڻ ۾ سج وانگر آهن، جهڙي طرح سج لهڻ کان بعد چنڊ ۽ تارا سج جي ئي روشني سان چمڪندا آهن، اهڙي طرح حضور جي بظاهر غير موجودگي ۾ انبياء کان جيڪو به ظاهر ٿيو اُهو ان سج جي ئي روشني هئي.

(١) بشـــاشة: ٽِڪِمڪ، مسڪراهٽ، صفت آهي. حضرت عبد الله بن حارث کان روايت آهي ته مَا رَأَيتُ اَحَدًا اَكثَرَ تَبَسُّمًا مِنْ رَّسُوْلِ اللهِ صلى الله عليه وسلم.

كَالزَّهْرِ فِيْ تَرَفٍ وَالْبَدْرِ فِيْ شَرَفٍ
وَالْبَحْرِ فِيْ كَرَمٍ وَالدَّهْرِ فِيْ هِمَمِ

لڳن منجهه لطيف، مرسل مڪڙيءَ جيئن
ويتر چوڏهين چنڊ کان منجهين شان شريف
سخا ۾ سمنڊ کان ظاهر ڄاڻ ظريف
همتن منجهه حريف، زماني کان زور ٿيو

پاڻ صلي الله عليه وسلم ملائمت ۽ نزاڪت ۾ مڪڙي وانگر ۽ شان جي بلنديءَ ۾ چوڏهين جي چنڊ وانگر آهن، ۽ ڪرم ۾ (١) سمنڊ وانگر ۽ همت ۾ زماني وانگر آهن.

كَأَنَّهُ وَهُوَ فَرْدٌ فِيْ جَلَالَتِهِ
فِيْ عَسْكَرٍ حِيْنَ تَلْقَاهُ وَفِيْ حَشَمِ

---

(١) شعر ۾ "ڪرم" جو لفظ آهي جنهن جي معني عام طرح سان "سخاوت" ڪئي ويندي آهي، جڏهن ته حضور جو شان "سخاوت" کان گهڻو مٿانهون آهي. ڇو ته ٿوري شيءِ ڏيڻ کي سخا چئبو آهي ۽ گهڻي شي ڏيڻ کي "جود" ۽ سڀ ڪجهه ڏيڻ کي "ڪرم" چئبو آهي.

جيڪر ڪٿ ڪريم، هجي هلندو هيڪڙو
جاني سوَ جهان ۾ اوچي ڪند عظيم
جُرئت منجهه جسيم، لڳا ڏئي لشڪر جي

جڏهن ته تون (اي مخاطب) سندن آڏو ايندين ته پاڻ اڪيلائيءَ ۾ به پنهنجي عظمت ۽ حشمت ۾ ايئن نظر ايندا جيئن ڪنهن لشڪر جو، بهادر ۽ سنجيده سپه سالار هوندو آهي.

كَأَنَّمَا اللُّؤْلُؤُ الْمَكْنُونُ فِي صَدَفٍ
مِنْ مَّعْدِنَيْ مَنْطِقٍ مِّنْهُ وَمُبْتَسَمِ

سپون جي ساندين، موتي ماڻڪ پيٽ
برسڻ وقت بهار جي اَهر ڦلاري پيٽ
اڄا ڦل علي محمد چئي جنهن پر، ڪڙيا ڪيٽ
انهين پيتان پيٽ ڪلندي ڏند خليق جا

سندن گفتگو ايئن آهي جڻ ته سپ ۾ لکل سفيد موتي،

جيڪو نطق ۽ تبسم (١) جي ٻن ڪاڻين مان نڪتل آهي.

لَا طِيبَ يَعْدِلُ تُرْبًا ضَمَّ أَعْظُمَهُ
طُوبَىٰ لِمُنْتَشِقٍ مِّنْهُ وَمُلْتَثِمِ

خوش اهائي خاڪ، مٽي مَٽ نه تنهن سين

جنهن ۾ جسم رَسول جو هريو (٢) ۽ هوشناڪ

پاڪر تن ڪي پاڪ، جو چمي چاڻت رسول جي

ڪابه خوشبوءِ ان مٽيءَ جي برابر ڪونهي جيڪا حبيب

ڪريم جي جسم مبارڪ سان ڇُهي ٿي، ان مٽي ڪي

سُنگهڻ ۽ چمڻ وارن ڪي مبارڪ هجي.

---

(١) گفتار ۽ مسڪراهٽ.

(٢) سرسبز، شاداب، خوش حال.

آبَانَ مَوْلِدُهُ عَنْ طِيْبِ عُنْصُرِهِ
يَا طِيْبَ مُبْتَدَإٍ مِّنْهُ وَ مُخْتَتَمِ

ڄاپڻ رات رسول جي آبا(١) ڪيا اڪمل
نسب نور نبي جو نسورو نرمل
اول تن افضل، آخر اتم ان جو
سندن ولادت جي زماني، پنهنجي عنصر(اصل) جي پاڪيزگي سبب ڪيترن ئي عجائبات کي ظاهر ڪيو، سبحان الله! ڪهڙي نه پاڪيزه آهي ان جي ابتدا ۽ انتها.(٢)

يَوْمٌ تَفَرَّسَ فِيْهِ الْفُرْسُ اَنَّهُمُ
قَدْ اُنْذِرُوْا بِحُلُوْلِ الْبُؤْسِ وَالنِّقَمِ

(١) آبا ڏاڏا.

(٢) يعني سندن ولادت ۽ وفات جو وقت.

جاني جي جهان ۾ جنهن ڏينهن جڙي جاءِ

ڄاڻ سندا ڄام جي پڙا پٽ پياءِ

دهشت پين دل ۾ فارس سڀ ڦرياءِ

اندر ڏيل ڏريا ته ڇتندا کين ڇڳير کان

ان ڏينهن فارس وارن، فراست سان معلوم ڪري ورتو ته

کين سخت مصيبت ۽ عذاب جي نزول کان ٻڌايو ويو

آهي.

وَبَاتَ اِيْوَانُ كِسْرٰى وَهُوَ مُنْصَدِعٌ

كَشَمْلِ اَصْحَابِ كِسْرٰى غَيْرُ مُلْتَئِمِ

ڪسريٰ سندو ڪوٽ، جو اوچو ڪري اڏيئون

ڄاڻ رات رسول ڄجي پڪ ٽيئون

ٽِڙڪي ٽُڙُ وِئون، ڏار نه ڳنڍئو ڏار ڪي

ان رات ڪسريٰ (خسرو) جو ايوان(١) ائين منهدم ۽

منتشر ٿي ويو جيئن ڪسريٰ (٢) جا ساٿي منتشر ٿي ويا ۽

وري ڪڏهن به گڏ ٿي نه سگهيا.

وَالنَّارُ خَامِدَةُ الْاَنْفَاسِ مِنْ اَسَفٍ
عَلَيْهِ وَالنَّهْرُ سَاهِي الْعَيْنِ مِنْ سَدَمِ

(١) ساساني بادشاهن ان کي نوي سالن ۾ ٺهرايو هو، جنهن تي سون جو پاڻي چڙهيل هو، زبرجد، موتي ۽ هر قسم جي قيمتي پٿرن سان جڙيل هو، ۽ ان ۾ ٻاويهه ڪُنگرا هئا، حضور جي ولادت واري رات ان جا چوڏهن ڪُنگرا ڪري پيا، جيڪو ان ڳالهه ڏانهن اشارو هو ته آئنده اُئن بادشاهن کان بعد ڪسريٰ جي ايران تان حڪمراني ختم ٿي ويندي ۽ اسلام جي غلبي هيٺ اچي ويندي.

(٢) ان ڪسريٰ مان مراد ايران جو آخري بادشاهه يزد جرد بن شهريار آهي جنهن کي حضرت سعد بن ابي وقاص حضرت عمر فاروق جي خلافت ۾ شڪست ڏني.

آڙاهه اجهاڻو، ويس جوت جهان ۾

سماوة (١) سُڄي ٿي اَتڻ اماڻو

پانڌي کو پاڻو، اڃي ڪري نه اتهين

۽ ان تي افسوس وچان باھ جا شعلا ٿڌا ٿي ويا (٢) ۽

ندامت جي ڪري نهر (٣) پنهنجي منبع (٤) کان غافل ٿي

وئي.

وَسَاءَ سَاوَةَ اَنْ غَاضَتْ بُحَيْرَتُهَا
وَرُدَّ وَارِدُهَا بِالْغَيْظِ حِيْنَ ظَمِيْ

(١) ايران جو هڪ شهر.

(٢) يعني ايرانين جو آتشڪدو جيڪو هزار سال کان ٻري رهيو هو، اهو اجهامي ويو.

(٣) فرات جي نهر.

(٤) "منبع" معنيٰ نڪرڻ جي جڳهه، جتان نهر شروع ٿيندي هئي ان جڳهه کي مٽائي ٻي جڳهه ڏانهن هلي وئي.

وين آب اُجهي سُڪي ويو ساوو

ڍهي ڍور ڍَيون ٿيو پيو ڪنڌي ۾ ڪائو

وريو اي واء، جيئن ايندو ويندو اُج مري

۽ ساوه وارن ڪي(١)، ان جي "بُحَيره" جي سُڪي وڃڻ

غمگين ڪري وڌو، ۽ اُج لڳڻ وقت اتان پاڻي پيڻ وارا

ڪاوڙ ۾ واپس ورايا ويا.

كَأَنَّ بِالنَّارِ مَا بِالْمَاءِ مِنْ بَلَلٍ
حُزْنًا وَّبِالْمَاءِ مَا بِالنَّارِ مِنْ ضَرَمِ

---

(١) "ساوه" شهر جو نالو آهي جتان اهو درياء نڪرندو هو، جيڪو همدان ۽ قم جي درميان عراق العجم جي مملڪت ۾ هيو، ان جي اطراف ۾ گرجا گهر ۽ بازارون هونديون هيون، حضور جي ولادت وقت ان بحيره جو پاڻي سُڪي ويو.

پِري سنديِن باھ پُسي ٿي پاٺي
گڏجي سا گوندر ۾ ڏُلي(١) ڏيھاٺي(٢)
پلتيائون پاٺي، سو پڻ ڪامي ڪُنپ ٿيو

جڻ تہ باھ ۾ غم ۽ افسوس وچان پاڻيءَ واري آلاڻ اچي وئي، ۽ بُحَيره ساوه جي پاڻيءَ ۾ باھ واري حرارت اچي وئي.

وَالْجِنُّ تَهْتِفُ وَالْاَنْوَارُ سَاطِعَةٌ
وَالْحَقُّ يَظْهَرُ مِنْ مَّعْنًى وَّمِنْ كَلِمِ

چاپڻ رات رسول ﷺ جي جنن ڪيو جهڳاءُ
نورن چڙهي نَوَ ڪنڊ ۾ عالم ڪيو اُهاء
نورن ۽ نداء، نبوة نروار ڪئي

۽ جنن چيخ ۽ پڪار مچائي ڏني(٣) ۽ انوار ظاھر ٿي بلند

(١) پنتڪي وئي، دربدر ٿي وئي.

(٢) ڏيھي.

(٣) يعني جنات حضور جي ولادت جون خوشخبرون ڏين پيا.

ٿيڻ لڳا، ۽ حق، معاني ۽ الفاظ مان ظاهر ٿي رهيو هو.

عَمُوْا وَصَمُّوْا فَاِعْلَانُ الْبَشَائِرِ لَمْ
تُسْمَعْ وَبَارِقَةُ الْاِنْذَارِ لَمْ تُشَمِ

انڌا ٿيا اکين سين، ڪنين ڪين سڻن
ڪافر پنهنجي ڪوچ ۾ ٻوڙا ٿيو ٻڌن
سڻن ڪين پسن، سڌ وراڪا وڄ جا

ڪافر انهن انوار کي ڏسڻ کان انڌا ٿي ويا، ۽ انهن بشارتن کي ٻڌڻ کان ٻوڙا ٿي ويا، جنهن ڪري انهن کي مبارڪبادين جا اعلان ٻڌڻ ۾ ۽ ديڄارڻ وارا چمڪاٽ ڏسڻ ۾ ڪونه آيا.

مِنْ بَعْدِ مَا اَخْبَرَ الْاَقْوَامَ كَاهِنُهُمْ
بِاَنَّ دِيْنَهُمُ الْمُعْوَجَّ لَمْ يَقُمِ

ڪاهِن قومن ڪي، خبر ڏني ٿي خير جي
تہ مٿان وَسَندوَ موچڙا هٿان حضرت جي
باطل دين بُڇي-جَنَا هاڻ نہ جڳ ۾

(اهي انڌا ۽ ٻوڙا) ان ڪان بعد ٿيا، جڏهن قومن ڪي انهن جي ڪاهنن خبر ٻڌائي تہ انهن جو ٽيڏو دين هاڻي باقي نہ رهندو.

وَبَعْدَ مَا عَايَنُوا فِي الْأُفُقِ مِنْ شُهُبٍ
مُنْقَضَّةٍ وَفْقَ مَا فِي الْأَرْضِ مِنْ صَنَمِ

تارا ڏٺائون تڪڙا اچا منجهہ اُڀن
تہ سيخون ٿيو سماء مان ڇٽيو پيا ڇٽن
۽ پڻ بت سندن - ڪنڌن ڀر ڪري پيا

۽ ان ڪان بعد، جڏهن انهن آسمان جي ڪنارن ۾ ٽٽندڙ تارا ڏٺا، جيڪي زمين ۾ ڪرندڙ بُتن وانگر ڪري رهيا هيا.

حَتّٰى غَدَا عَنْ طَرِيْقِ الْوَحْيِ مُنْهَزِمٌ
مِنَ الشَّيَاطِيْنِ يَقْفُوْا اِثْرَ مُنْهَزِمٍ

ڀڳا ڀَوَ ڀڙاڻ جي شومي سي شيطان
وات ڇڏيائون وحي جي نِستَ ٿيا نادان
ڪنڌي لهن ڪانه، ته اُتهان ٿين اُين ڪي
ايستائين جو وحي جي رستي (آسمان) ڪان شياطين هڪ
ٻئي جي پٺيان ڀڄڻ لڳا.

كَاَنَّهُمْ هَرَبًا اَبْطَالُ اَبْرَهَةٍ
اَوْ عَسْكَرٌ بِالْحَصٰى مِنْ رَاحَتَيْهِ رُمِيْ

اَبطال ڪر ابرهي جا، منجهان ڀيڙ ڀڳا
۽ پڻ سرور سامهون جي ويري ٿي وڳا
ڀڻ هٿان پرينءُ جي تن لوٽين ڪي لڳا
پيرين سي پڳا، ڇڏي سُرتِنُ سُج ۾

گويا اهي شياطين پڄڻ ۾ ابرهي(١) جي بهادرن وانگر هيا،
يا ان لشڪر وانگر جنهن کي پاڪ ڪريمن جي هٿان پٿرين
سان نشانو بنايو ويو هو.(٢)

نَبْذًا بِهِ بَعْدَ تَسْبِيْحٍ بِبَطْنِهِمَا
نَبْذَ الْمُسَبِّحِ مِنْ اَحْشَاءِ مُلْتَقِمِ

تسبيح تڪي ٿي، پهٽن پڙهي پرين سين
اڇليو پوءِ انهن کي مرسل مير منٿي
جيئن يونس کي مڇي مهراڻا ڪڍيو

(١) "ابــرهة" يمن جو عيسائي حڪمران، جيڪو اصل ۾ حبش ملڪ جي "اليباس" نالي نجاشي بادشاهه طرفان اتي جو والي هو، جنهن ڪعبه الله تي حملو ڪيو ۽ رب پاڪ ابابيل پکين جي ذريعي ڪيس سندس سموري لشڪر سميت مارائي ڇڏيو.

(٢) غزوهٔ بدر ۾ حضور پاڪ ﷺ پٿرين جي مٺ ڪٽي ڪافرن ڏانهن اڇلائي ته اهي سڀ انڌا ٿي پيا ۽ وٺي ڀڳا.

پاڻ ڪريمن انهن ٻڙين کي پنهنجي ترين ۾ تسبيح پڙهڻ

کان بعد ايئن اچلايو، جيئن تسبيح پڙهندڙ (حضرت يونس)

کي مڇيءَ جي پيٽان اچلايو ويو هو.

جَاءَتْ لِدَعْوَتِهِ الْاَشْجَارُ سَاجِدَةً
تَمْشِيْ اِلَيْهِ عَلٰى سَاقٍ بِلَا قَدَمٖ

ڪونڊ تي ڪريم جي جهنگان آيا جهاڙ

نوڙت ڪن نبي کي توڙي پير، ٻاڙ

پنجي ڪنان پاڙ، پُريا ٿي پيرن ريءَ

حبيبن ڪريمن جي سڏ تي وڻ فرمانبردار ٿي، بغير پيرن جي،

پنهنجي ٿُڙن تي هلي آيا.

كَاَنَّمَا سَطَرَتْ سَطْرًا لِمَا كَتَبَتْ
فُرُوْعُهَا مِنْ بَدِيْعِ الْخَطِّ فِي اللَّقَمٖ

وَيَڙا وچان واٽ جي تندون ايئن ٽٽي

ستون جيئن هٽي، ڪاتب لڪن ڪلهن تي

جڻ ته انهن وڻن (حضور ڏانهن ايندي وقت) پنهنجي تارين سان، نهايت عمده لکائيءَ سان (سندن شان جون) وچ رستي تي ستون لکيون.

مِثْلُ الْغَمَامَةِ اَنّٰى سَارَ سَائِرَةً
تَقِيْهِ حَرَّ وَطِيْسٍ لِلْهَجِيْرِ حَمِيْ

ڪڪر سر ڪپار ڇائون ڪن ڇڳير تي

جيڏانهن هلن سپرين تيڏانهن مينگهه ملهار

ڀڄڻ تي پِيهَارَ متان تپي ڪن تاوڙي

اهي وڻ ڪڪرن وانگر فرمانبردار هئا، جو پاڻ ڪريم جيڏانهن به ويندا هيا ته ڪڪر ساڻن گڏ هلندا هيا ۽ کين منجهند جي سخت گرميءَ کان بچائيندا هيا.

اَقۡسَمۡتُ بِالۡقَمَرِ الۡمُنۡشَقِّ اِنَّ لَہٗ
مِنۡ قَلۡبِہٖ نِسۡبَۃً مَّبۡرُوۡرَۃَ الۡقَسَمِ

قسم ساڻ قمر کي هِنئين ساڻ حبيب

آهي شِبهُ شَقَّ ۾ نسبت ساڻ نجيب

چيريو چنڊ عجيب، هِنيون ملڪن مير جو

مون کي ان چيريل چنڊ جو سچو قسم، ته ان کي سندن

قلب مبارڪ سان هڪ خاص نسبت آهي. (١)

(١) اها نسبت هي آهي ته چنڊ ۾ به نور ته سرڪار جي قلب ۾ به نور، چنڊ به شق ٿيو ته سندن قلب مبارڪ به شق ٿيو، چنڊ شق ٿيڻ کان بعد اصلي حالت تي وري آيو ته سندن قلب به ساڳي اصل حالت تي درست ٿي ويو، چنڊ سج کان روشني وٺي جهان کي روشن ڪري ٿو ته سندن قلب به پنهنجي مَبدء فيض نورِ الٰهي کان روشني حاصل ڪري جهان وارن کي منور ڪندو آهي، وغيره.

وَمَا حَوَى الْغَارُ مِنْ خَيْرٍ وَّمِنْ كَرَمٍ
وَكُلُّ طَرْفٍ مِّنَ الْكُفَّارِ عَنْهُ عَمِي

يارا ياد ڪريو اُو ۽ رحمت ڀري راتڙي
احمد اڪبر پاڻ ۾ آيا پير ڀريو
ڪيڏو غم غار ڪي ڏسو جو سريو
ڪوڙن مٿي ڪافرين ڪو جو واءُ وريو
چڙهيو وڄن لَڙيو، پسن تان نه پرينءَ ڪي

۽ (جڏهن) غار احاطو ڪيو ڪهڙي نه خير ۽ ڪرم جو
(١)، جڏهن ته ڪافرن جون حقير اکيون انهن جي طرفان
انڌيون هيون.

فَالصِّدْقُ فِي الْغَارِ وَالصِّدِّيقُ لَمْ يَرِيَا
وَهُمْ يَقُولُونَ مَا بِالْغَارِ مِنْ اَرِمٍ

(١) اتي ڪرم مان مراد حضرت ابو بڪر صديق آهي.

اجا اڪبر احمد ﷺ سين هو غازي منجهہ غار
تان ڪوڙن اچي ڪنڌي تي پاٽا ڪِي پچار
تہ هتي ناہ تنوار ماڻهوءَ سندي موڙهين —

سراپا سچ ۽ ان جي تصديق ڪندڙ غار ۾ هئا، پر اهي ٻئي ڏسجي نہ سگهيا، ۽ ڪافر چون پيا تہ غار ۾ ڪير بہ ڪونهي.

ظَنُّوا الْحَمَامَ وَظَنُّوا الْعَنْكَبُوتَ عَلٰى
خَيْرِ الْبَرِيَّةِ لَمْ تَنْسُجْ وَلَمْ تَحُمِ

ڪا جا لات لتي، ڪبوتر ڪنڌيءَ تي
تاجي اچي ترت مان اُت ڪوريڙي ڪَتي
ويري اُت وتي ڀڙ وا ڏس ڀلجي ويا

انهن ڪبوتر ۽ ڪوريڙي لاءِ اهو گمان ڪيو تہ انهن تمام

مخلوقات مان سڀ کان اتم ذات تي نه ڇار اُٿيو آهي ۽ نه آنا ڏنا آهن.

وِقَايَةُ اللهِ اَغْنَتْ عَنْ مُّضَاعَفَةٍ
مِّنَ الدُّرُوْعِ وَعَنْ عَالٍ مِّنَ الْاُطُمِ

احمد صلي الله عليه وسلم ۾ اڪبر سين ڪي هادي حمايت
لوهن ۽ ڪوٽن سين وٽن نه وقايت(١)
اهڙي عنايت، ڪنهن سين سنيرون ڪانه ڪا

الله جي حفاظت انهن کي پيٽين زرهن ۽ بلند قلعن ڪوٽن کان بي نياز ڪري ڇڏيو.(٢)

---

(١) بچاءُ.

(٢) وحشي جانورن جي خوف کان اهو شعر نَوَ دفعا پڙهي چوڌاري ليڪو ڪيدي ڇڏجي ته امن ۾ رهندو.

مَا سَامَنِي الدَّهْرُ ضَيْمًا وَّاسْتَجَرْتُ بِهٖ
اِلَّا وَنِلْتُ جِوَارًا مِّنْهُ لَمْ يُضَمِ

جيڪر زمانو زور جي مون سين رِٿَ رکي

ته پناهه ۾ پرينءَ جي پهان منجهه پکي

مر پيو جڳ جکي سرڻ (١) اهڙي سام سين

مون کي زماني جڏهن به کو ظلم چکايو ته مون پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم کان پناهه طلب ڪئي، ۽ مون کي ڪانئن اهڙي ته پناهه ملي جو (بعد ۾) کو به ظلم نه ڪري سگهيو. (٢)

---

(١) ملڻ، حاصل ٿيڻ.

(٢) سفر تي ويندي پهريون مصرع لکي گهر ۾ رکجي ۽ ٻيو مصرع لکي پاڻ وٽ رکجي ته سلامتيءَ سان واپس ايندو.

وَلَا الْتَمَسْتُ غِنَى الدَّارَيْنِ مِنْ يَدِهٖ
اِلَّا اسْتَلَمْتُ النَّدٰى مِنْ خَيْرِ مُسْتَلِمِ

جيڪر جاڳائي هِنيون مون کي هيج سين
تہ راحت ٻنهي جهانن جي مون رهبر ر وائي
تہ ويان وٽ رسول جي چڱي چتائي
جو پري پاتِ پلاند ۾ تو ڦاندون ڦڳائي(١)
شافع شرمائي سخا سين سموند کي
۽ مون سندن دستِ ڪرم کان ٻنهي جهانن جي تونگري
طلب نہ ڪئي مگر بهترين چُميل هٿن (يعني نبي پاڪ جي
ذات) کان بخشش ۽ عطا حاصل ڪيم.

---

(١) ڦاندون ڦڳائڻ: حصا جهولي ۾ وجهڻ.

لَا تُنْكِرِ الْوَحْيَ مِنْ رُّؤْيَاهُ اِنَّ لَهٗ
قَلْبًا اِذَا نَامَتِ الْعَيْنَانِ لَمْ يَنَمِ

مَ تي منڪر وحي ڪان جي احمد صلي الله عليه وسلم تي اچي

اڪين وقت آرام جي مرسل مير مٿي

جيڪر سمهن سي، ته به هنيون جاڳي هوت جو

حضور جي حالت ننڊ ۾ مٿس وحي اچڻ جو انڪار نه ڪر،

ڇو ته سندن قلب مبارڪ اهڙو هو جو جڏهن اکيون ننڊ

ڪنديون هيون ته اهو قلب مبارڪ ننڊ ڪونه ڪندو هو.

وَذَاكَ حِيْنَ بُلُوْغٍ مِّنْ نُّبُوَّتِهٖ
فَلَيْسَ يُنْكَرُ فِيْهِ حَالُ مُحْتَلِمٖ

اچڻ ويلو وحي جي، جو چاليهه ورهه چون

توڻي جاڳن سپرين توڻي ننډ اکين

پوءِ جي ات اچن تہ مَ ٿيُ منڪر خواب جو

ٻ اهو (يعني حضور کي خواب ۾ وحي اچڻ) تہ سندن نبوت (جي منصب) کي پهچڻ واري وقت هيو، پوءِ بلوغت جي وقت ۾ تہ عاقل بالغ (جي خواب ۾ وحي اچڻ جي دعويٰ) جو انڪار نٿو ڪري سگهجي.

تَبَارَكَ اللّٰهُ مَا وَحْيٌ بِمُكْتَسَبٍ
وَلَا نَبِيٌّ عَلٰى غَيْبٍ بِمُتَّهَمِ

موجب ڪمائي ڪنهن ڪي نہ ملي نبوة

پاڪ پرور پاتشاهہ انهي ڪان عادة

ٻ پڻ نبين ست، ڪوڙ نہ ٻولي ڪڏهين

الله جي ذات برڪت واري آهي، وحي (يعني نبوت)

ڪوشش سان حاصل ٿيڻ واري شيءِ ڪونهي، ۽ نه وري

ڪنهن نبي تي غيب جي خبرن ٻڌائڻ جي باري ۾ تهمت

لڳائي سگهجي ٿي. (١)

(١) ان شعر ۾ دراصل انهن ماڻهن جو شڪ دور ڪيو ويو آهي جن جو هي عقيدو هوندو آهي ته "غير الله غيب جو علم ڪو نه ڄاڻندو آهي، ان ڪري نبيءَ جو، غيب جون خبرون ٻڌائڻ ناجائز آهي." امام بوصيري فرمائي ٿو ته جنهن ذات جي نبوت ۽ معجزا پايهء ثبوت کي پهتل هوندا آهن ان ذات کي ماضي يا مستقبل جي ۽ ڪائنات جي خبرن ٻڌائڻ جي باري ۾ ڪوڙو نٿو چئي سگهجي، ڇو ته نبيءَ جي ڪابه خبر ذاتي خواهش پٽاندر نه هوندي آهي، بلڪ وحي رباني جي مطابق ڳالهائيندو ۽ ٻڌائيندو آهي. دراصل هن شعر ۾ فلايظهر الخ ۽ ما هو علي الغيب الخ آيتن ڏانهن اشارو آهي.

كَمْ اَبْرَأَتْ وَصِبًا بِاللَّمْسِ رَاحَتُهٗ
وَاَطْلَقَتْ اَرِبًا مِّنْ رِّبْقَةِ اللَّمَمِ

ڪئين سوين مهتيل مرضن جا،جي ڏکويا ڏئار(۱)

سي هٿ رکئي حبيب جي اڇا ٿيا اپار

وري سڀ ڇمار، ڏک نه ڏنائون ڏيل ۾

سندن دست شفا جي ڇُهَڻ سان ڪيترائي مريض تندرست ٿي ويا، ۽ ڪيترائي محتاج ڇريائي ۽ سودا بيماري جي قندي مان آزاد ٿي ويا.

وَاَحْيَتِ السَّنَةَ الشَّهْبَاءَ دَعْوَتُهٗ
حَتّٰى حَكَتْ غُرَّةً فِى الْاَعْصُرِ الدُّهُمِ

(۱) نا موافق موسم، خراب هَوا.

وَرهيه وِره (١) گاڏوان جي هيُڙا ڏر ڏکار

پسوا چکين پُڄن ۾ مٿي ڏر ڏنار

سي سرور جي سنپال سين ٿيڙا سر سُکار

سينهون پاٽمراديون ٿيون ڇنَن ۾ ڇيکار

وڏاندري وَسَ جون ڳالهيون کن ڳنوار

وِهسَن(٢) پٽان وَٽ ۾ اُٿيون ۽ اوتار

ريدارن رحمت ٿي پاپوهيا پنهوار(٣)

اهڙا لک هزار، آهن اثر احمد ﷺ چام جا

۽ کيترا دفعا سندس دعا ڏکار وارن سالن کي سرسبز ۽ شاداب کري ڇڏيو، ايتري قدر جو اهي (ڏکار مان

(١) فراق، ڏک درد.

(٢) خوش ٿين.

(٣) پاپوهيا: کليا، خوش ٿيا. پنهنوار: ريدار ۽ پکرار.

سڪار ٿيل) سالَ ساري زماني ۾، گهوڙي جي پيشاني جي

سفيدي سان مشابه ٿي ويا.

بِعَارِضٍ جَادَاَوْخِلْتَ الْبِطَاحَ بِهَا
سَيْبًامِّنَ الْيَمِّ اَوْسَيْلًامِّنَ الْعَرِمِ

ڪڪرن ڪارونيار وڏا مينهن وَسائيا

وسندي مينهن وادين جا پرتان لڳم پار

جان درياء جي ڌمڪار، جان تان اُٿل عرم(١) جي

(اهي سال) شديد بارش واري ڪڪر ذريعي شاداب ٿيا،

ايتري قدر جو تون ان سبب (مڪي، مديني ۽ انهن جي چوُ

طرف جي) ندين ۽ نالن کي درياءَ جو وهڪرو تصور ڪرين،

يا شديد برسات جو سيلاب.

(١) برسات، يا سباء مُلڪ ۾ وادي جو نالو.

دَعْنِي وَوَصْفِيَ اٰيَاتٍ لَّهٗ ظَهَرَتْ
ظُهُوْرَ نَارِ الْقِرٰی لَيْلًا عَلٰی عَلَمٖ

مون کي ڇڏ، منع جي وائي کر تون کا م
وَرنَه سندي وصف ۾ وکون پريان وام(١)
مرسل سندا معجزا اوچا منجهه انام
جيئن ظاهر منجهه ظلام(٢) ڏسين جوت جبل تي

مون کي پاڻ سڳورن جي معجزن کي بيان کرڻ ڏي، جيکي ايئن ته مشهور ۽ چٽا آهن جيئن اونداهي ۾ جبل جي چوٽي تي مهماني جي جوت ظاهر هوندي آهي. (٣)

---

(١) وڏي وِک.

(٢) اونداهي.

(٣) عرب ۾ دستور هوندو هو ته اهي جبل جي چوٽيءَ تي باهه ٻاريندا هئا ته جيئن وانهڙو باهه ڏسي اُتي اچن ۽ کين ماني ٽکي مهيا کري سگهجي.

فَالدُّرُّ يَزْدَادُ حُسْنًا وَّهُوَ مُنْتَظِمٌ
وَلَيْسَ يَنْقُصُ قَدْرًا غَيْرَ مُنْتَظِمٍ

موتي ماڻڪ پاڻ ۾ سُوَن منجهه سُونهن
جيڪر ڇني ڇنڊ ڪرين تان پڻ ڪين گهٽن
مثلُ معجزن، اهڙو رکج روح ۾

جو ته ڳتيل موتي خوبصورتي کي وڌائيندو آهي، اگرچه اڻ ڳتيل موتيُ جو به قدر گهٽ ڪو نه هوندو آهي.

فَمَا تَطَاوَلَ اٰمَالُ الْمَدِيْحِ اِلٰى
مَا فِيْهِ مِنْ كَرَمِ الْاَخْلَاقِ وَالشِّيَمِ

موران مداحن کي پاڻان ناه پڇت
ته وصفون ڪن وريام جون سموريون سيت
موڙهي سندن مت، پُڄڻ تان پري ٿيو

جو ڪجھ سندس ذات مبارڪ ۾ عمدا اخلاق ۽ قدرت طرفان عطا ٿيل سھڻيون عادتون آھن، انھن تي سندن مدح (تعريف) ڪرڻ وارو ڪيئن ٿو آگاھ ٿي سگھي.

آيَاتُ حَقٍّ مِّنَ الرَّحْمٰنِ مُحْدَثَةٌ
قَدِيْمَةٌ صِفَةُ الْمَوْصُوْفِ بِالْقِدَمِ

آيتون الله جون يعني قرآن ڪريم
حادث وَجَه ھيڪڙي ۽ پڻ سو قديم
جنھن پر رب رحيم، ڪوئيون سو قديم ٿا

رحمٰن جي طرفان حق جون آيتون (نزول، تلاوت ۽ لکت جي اعتبار سان) حادث آھن، پر موصوف بِالْقِدَمْ ذات جي صفت ھئڻ سبب قديم بہ آھن.

لَمْ تَقْتَرِنْ بِزَمَانٍ وَّهِيَ تُخْبِرُنَا
عَنِ الْمَعَادِ وَعَنْ عَادٍ وَّعَنْ اِرَمِ

موران ساڻ محل، لڳن تان لمحو

خبرون ڪن سي خوب ٿيون ۽ پڻ قيامت کل

اخريٰ عاد اول، سڏون ڪن ٿيون سفريون

اهي آيتون (پنهنجي معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان) ڪنهن

به زماني سان وابسته ڪونهن، اگرچه اهي اسان کي پيهر

زنده ٿي اُٿڻ ۽ قوم عاد اوليٰ ۽ قوم عاد ثاني(١) بابت

خبرون ڏين ٿيون.

(١) عاد بن ارم بن عوص بن سام بن نوح جي اولاد ڏانهن حضرت هود عليه السلام نبي ٿي آيو مگر انهن جي مسلسل انڪار ۽ هوڏ سبب انهن تي ڪارو ڪڪر موڪليو ويو، جنهن مان ست (حاشيو هلندڙ)

دامت لدينا ففاقت كل معجزة
من النبيين إذ جاءت ولم تدم

آيتون الله جون هميشه هجن
پيا مڙئي معجزا، مور نه جٽا تن
اهڙن اهڃاڻن، مڙني کان مٿي ٿيون

اهي آيتون اسان وٽ هميشه لاءِ آهن، جنهنڪري آيتن جو اهو معجزو پين سمورن نبين جي معجزن کان فائق آهي، ڇو ته انهن جا معجزا آيا، پر هميشه نه رهيا.

محكمات فما يبقين من شبه
لذي شقاق وما يبغين من حكم

(بقيه حاشيو) راتيون اٺ ڏينهن سخت طوفان هليو ۽ اها قوم تباه ٿي وئي ان کي "عادِ اولي" يا "عادِ ارم" به چئبو آهي، عذاب مان بچي ويل ماڻهن جو نسل وڌيو ۽ ويجهيو، ان کي "عادِ اخري" يا "عادِ ثاني" چئبو آهي.

آيتون الله جون حاڪم ٿيو هلن

وهلو(١) وڏين وهم کي شاڪي جي شڪن

۽ پڻ طالب تن، ڪن همراهي حق تي

اهي آيتون مُحڪَم آهن(٢) پوءِ ڪنهن به مخالف لاءِ شڪ شبه رهڻ نه ٿيون ڏين، ۽ نه ڪنهن حاڪم يا فيصلي ڪرڻ واري جون محتاج آهن.

---

(١) جلد، فوراً تيزي سان.

(٢) "محڪم" جي لفظي معني آهي اهڙو قوي ۽ مضبوط جيڪو ڍهي نه سگهي. اصول وارن جي اصطلاح ۾ "محڪم" انهن آيتن کي چئبو آهي جن جي معني ۽ مراد بلڪل ظاهر هجي ۽ ان ۾ ڪنهن به تبديلي، تاويل، تخصيص ۽ منسوخ هجڻ جو احتمال نه هجي. هن شعر ۾ قرآن جي سمورين آيتن کي جيڪو "محڪم" چيو ويو آهي اهو لغوي معني جي اعتبار سان آهي، اصول جي تعريف مطابق نه.

مَا حُورِبَتْ قَطُّ اِلَّا عَادَ مِنْ حَرَبٍ
اَعْدَى الْاَعَادِيْ اِلَيْهَا مُلْقِى السَّلَمِ

آيتن سين الله جي جنهن ڪنهن جوڙي جنگ

پليتيان پَرِ تي شور گهٽيري شنگ(١)

ٽٽي ٽٽي تنگ ٻڌي هٿ هيٺا ٿيا

جڏهن به انهن آيتن سان سخت معارضو (جنگ ۽ مناظرو) ڪيو ويو، ته بد ترين دشمن به (هٿيار ڦٽا ڪري) مطيع ۽ فرمانبردار بڻجي انهن آيتن (جي برحق هجڻ) ڏانهن واپس آيو.

رَدَّتْ بَلَاغَتُهَا دَعْوٰى مُعَارِضِهَا
رَدَّ الْغَيُوْرِ يَدَ الْجَانِىْ عَنِ الْحُرَمِ

(١) وڏي ڪاوڙ.

بلاغت برهان جي هٽي سين حشمت

معارض(١) مانا ڪيا همه پيا حيرت

جيئن دولهه سين دهشت، حرامي هيٺو ڪري

انهن آيتن جي بلاغت، مناظري ۽ مقابلي ڪندڙ جي دعوي

ڪي ايئن ته رد ڪري ڇڏيو جيئن ڪو غيرتمند شخص

پنهنجي عزت ۽ ننگ تي بڇڙي نظر رکندڙ کي دفع ڪندو

آهي.

لَهَا مَعَانٍ كَمَوْجِ الْبَحْرِ فِيْ مَدَدٍ
وَفَوْقَ جَوْهَرِهٖ فِي الْحُسْنِ وَالْقِيَمِ

معنائون مهراڻ جون گاجون ڪيو گجن

لهرين ۾ لکيسر(٢) جي لعلون لک لين

ويتر جوت انهن، ڪنان جوهر جر جي

(١) مقابلو ڪندڙ. (٢) لک پتي.

انهن آيتن جون معنائون ۽ حقائق، هڪ ٻي جي مدد ۽ هڪ ٻي جي پٺيان اچڻ ۾ سمنڊ جي موجن وانگر (وسيع) آهن، ۽ خوبصورتي ۽ قدر و قيمت ۾ سمنڊ جي گوهر کان به اعليٰ آهن.

فَلَا تُعَدُّ وَلَا تُحْصٰى عَجَائِبُهَا
وَلَا تُسَامُ عَلَى الْإِكْثَارِ بِالسَّأَمِ

عجائب عميق جا پري کان پڄت
ڳڻن جي ڳڻڻ جي نڪا ڳالهه نه ڳت
پڙهندي يَتويَت(١)، ويا نه ورچي(٢) تنهن مان

انهن جي عجائبات جو ڳاڻاٽو ۽ احاطو نٿو ٿي سگهي، ۽ نه وري انهن کي ڪثرت جي باوجود اداسي سبب ڇڏي سگهجي ٿو.

---

(١) هر قسم جو. (٢) وِرچڻ: بيزار ٿيڻ، اداس ٿيڻ، ٽڪجڻ.

قَرَّتْ بِهَا عَيْنُ قَارِيهَا فَقُلْتُ لَهُ
لَقَدْ ظَفِرْتَ بِحَبْلِ اللهِ فَاعْتَصِمِ

پڙتان اکيون پڙهندڙ جون ٺريون ٺيون ٺرن
هلي وڃي هوند چوان پاٺان کي پڙهين
هادي اوهان کي هٿ ۾ ڏنو رب رسن
چنيا تان نه ڇڄن، جي وڙڳن (١) انهي واڳ ۾

انهن کي پڙهڻ سان پڙهندڙن جون اکيون ٺري پيون، پوءِ مون ان کي چيو ته خدا جو قسم تون ڪامياب ٿي وئين ۽ نجات حاصل ڪري ورتئي، الله جي مضبوط رسيءَ سان واڳيل رهه.

إِنْ تَتْلُهَا خِيفَةً مِنْ حَرِّ نَارِ لَظَى
أَطْفَأْتَ حَرَّ لَظَى مِنْ وِرْدِهَا الشَّبِمِ

(١) ٻڌل يا وابسته رهن.

جيڪر ٻڄين ڏاءِ ڌهلين دوزخ دونهن ڪان

ته پڙهڻ جي پاڻي سين آتش ڪي اُجهاءِ

وير وتار وساءِ، تازا تڙ تلاوت جا

اگر تون انهن ڪي ڄيٻَ واري باهه جي گرميءَ جي خوف وچان تلاوت ڪندين، ته تون (آيتن جي) ٺڌي پٽڻ (يعني صاف چشمي) سان ڄيٻي واري باهه وسائي ڇڏيندين.

كَأَنَّهَا الْحَوْضُ تَبْيَضُّ الْوُجُوهُ بِهِ
مِنَ الْعُصَاةِ وَقَدْ جَاءُوهُ كَالْحُمَمِ

جنهن پر محشر ماڳ ۾ منجهان حوض حبيب

ٿيندا مُنهن مُٺن جا اڇا ءِ عجيب

تنهن پر نيڪ نصيب پيئندڙ سندي پار جو

ڄڻ ته اهي حوضِ ڪوثر آهن جنهن سان گنهگارن جا مُنهن

روشن ٿيندا، حالانڪ اهي ان حوض تي ڪوئلن وانگر تي

ايندا. (١)

وَكَالصِّرَاطِ وَكَالْمِيزَانِ مَعْدِلَةً
فَالْقِسْطُ مِنْ غَيْرِهَا فِي النَّاسِ لَمْ يَقُمِ

سمجهڻ ۾ صراط، سو مثل ۾ ميزان
قادر رب ڪريم جو ڪامل سو قرآن
فضل ائي فرقان، عدل ٻاهر نه ان ڪان

۽ اهي آيتون پُل صراط ۽ ميزانِ عدل آهن، پوءِ انهن آيتن

ڪان علاوه ماڻهن ۾ انصاف قائم نٿو رهي سگهي.

---

(١) آيتن مبارڪن کي حوضِ ڪوثر سان تشبيه ڏيارڻ مان هيءُ فائدو حاصل ٿئي ٿو ته آيتون مبارڪ به ان ئي طرح قيامت ڏينهن شفاعت ڪنديون جهڙي طرح حوضِ ڪوثر گنهگارن کي جهنم مان نڪرڻ مهل فائدو ۽ شفا رسائيندو.

لَا تَعْجَبَنْ لِحَسُوْدٍ رَاحَ يُنْكِرُهَا
تَجَاهُلًا وَهُوَ عَيْنُ الْحَاذِقِ الْفَهِمِ

حاسد حرامي عجبُ كرِ، مَ ان جو
انڌو سو اوجهڙ ۾ اونڌو سو عامي
وڃي. جي ونگو پيو ته پ سو سين سلامي
ڪوڙو ڪلامي، ڄاڻي واڻي ڇٽ ٿيو

تون ان شديد حاسد شخص تي هرگز تعجب نه ڪر جيڪو ڄاڻي واڻي انهن آيتن جو انڪاري ٿئي ٿو، حالانڪ اهو ماهر، هوشيار ۽ داناء شخص آهي.

قَدْ تُنْكِرُ الْعَيْنُ ضَوْءَ الشَّمْسِ مِنْ رَمَدٍ
وَيُنْكِرُ الْفَمُّ طَعْمَ الْمَاءِ مِنْ سَقَمِ

آکيون جنهن اُتين، تنهن کهڙي سمجهه سج جي
اصلاً اُپرڻ سج کان منجهان منکرن
ساوڪ ۾ سين وِهُ جيئن پاڻي وات ۾
کڏهن کڏهن اک، اوبر (اتي پوڻ) سبب سج روشنيءَ
کي ناپسند کندي آهي، ۽ وات بيماري جي کري پاڻي
جي مٺاڻ کي ناپسند کندو آهي.

يَاخَيْرَمَنْ يَمَّمَ الْعَافُوْنَ سَاحَتَهٗ
سَعْيًا وَفَوْقَ مُتُوْنِ الْاَيْنُقِ الرُّسُمِ

هلن ٿا حبيب ڏي آکيون پير کري
ماڻهو جي ملکن جا منجهان سک سري
۽ پڻ اٺن تي، رِڙهن راهه رسولَ تي

اَي اها ڀلي هستي! جنهن جي اڳڻ اڇڻ جو، سائلَ پيرين پيادا پڄندي ۽ تيز رفتار ڏاچين تي سوار ٿي قصد ڪندا آهن.

وَمَنْ هُوَ الاٰيَةُ الْكُبْرٰى لِمُعْتَبِرٍ
وَمَنْ هُوَ النِّعْمَةُ الْعُظْمٰى لِمُغْتَنِمِ

آيتون عظيم، وڏي عبرت عالم ۾
آئين تون انعام وڏي عام عميم
سرور تون سليم، سيني ڪي سُڪاج ڪيو

اَي اها ڀلي هستي! جيڪا تمام وڏي نشاني آهي نصيحت حاصل ڪرڻ (يعني حق تي دليل وٺڻ) واري لاءِ، ۽ اَي اها هستي! جيڪا تمام وڏي نعمت آهي غنيمت جاڻڻ (خير

حاصل ڪرڻ) واري لاءِ.

سَرَيْتَ مِنْ حَرَمٍ لَيْلًا اِلٰى حَرَمٍ
كَمَا سَرَى الْبَدْرُ فِىْ دَاجٍ مِّنَ الظُّلَمِ

مڪيان(١) نڪري مصطفيٰ حضرت ٿي هليو

مڪي ڪان مقدس ڪي رهبر رات رسيو

جيئن چنڊ چليو، ٿو چمڪي چوڏهين رات ۾

تو حرم مڪه ڪان حرم قدس تائين رات جي مختصر حصي ۾

ايئن سفر ڪيو جيئن چوڏهين جو چنڊ انڌيري رات ۾ هلندو

آهي.

وَبِتَّ تَرْقٰى اِلٰى اَنْ نِّلْتَ مَنْزِلَةً
مِنْ قَابَ قَوْسَيْنِ لَمْ تُدْرَكْ وَلَمْ تُرَمِ

---

(١) مڪي ڪان.

چڙهئين تون چاڙهين تي، تو تي علم تاج

آگي ڪرايو عرش تي مرسل تو معراج

فڪان قاب قوسين ٿيو تو لاءِ ڏوٽو ڏاج

اهڙو ڪاج سُڪاج، ڪنهن نہ سرندو ڪڏهين

۽ تون رات ۾ ترقي ڪندو (مٿي آسمان تي چڙهندو) وئين، ايستائين جو قاب قوسين جي ان منزل تي وڃي پهتين، جنهن منزل کي ڪير بہ حاصل نٿو ڪري سگهي ۽ نہ ان کي ڪو طلب ئي ڪري سگهي ٿو.

وَقَدَّمَتْكَ جَمِيْعُ الْاَنْبِيَآءِ بِهَا
وَالرُّسُلِ تَقْدِيْمَ مَخْدُوْمٍ عَلٰى خَدَمِ

اُتي تون اڳواڻ ٿئين مڃني مرسلن

هٿ ٻڌيو حاضر ٿيو پُٺيءَ تو پڙهن

جنهن پرِ مَخدومن، نوڪر هلن نياز سان

۽ حرم قدس ۾ سڀني نبين ۽ رسولن توکي ايئن (پنهنجي)

اڳيان ڪيو، جيئن مخدوم خادمن کان اڳي هوندو آهي.

وَاَنْتَ تَخْتَرِقُ السَّبْعَ الطِّبَاقَ بِهِمْ

فِيْ مَوْكِبٍ كُنْتَ فِيْهِ صَاحِبَ الْعَلَمِ

وهلو تون وڌي وئين ست ئي سمٰوات

ميڙا توسين ملڪن جا جڙي جماعات

سونهاري صفات، علم سين تون اڳ ۾

۽ تون نبين ۽ رسولن سان گڏ، ملائڪن جي جماعت ۾ ستن

آسمانن کي عبور ڪري وئين، ۽ ان جماعت ۾ جهنڊي وارو

تون هئين.

حَتّٰى اِذَا لَمْ تَدَعْ شَأْوًا لِمُسْتَبِقٍ

مِنَ الدُّنُوِّ وَلَا مَرْقًى لِمُسْتَنِمِ

همه تو هٿ کيا مڙئي مقام
چوڙ تو نه ڇڏيو جنهن چوٽي رسن ڄام
اوري ٿيا انام، تون تان پري پنڌ ۾

ايستائين جو جڏهن تو ڪنهن به سبقت ڪري ويندڙ لاءِ (الله جي) قرب مان ڪا حد ۽ غايت ڪونه ڇڏي، ۽ نه ئي ڪنهن بلندي جي طالب لاءِ چڙهڻ، وڌڻ جو ذريعو ئي ڇڏيو.

خَفَضْتَ كُلَّ مَقَامٍ بِالْإِضَافَةِ إِذْ
نُوْدِيْتَ بِالرَّفْعِ مِثْلَ الْمُفْرَدِ الْعَلَمِ

نوراني نقاب توسين ريس نه راڄ جي
مٿانهون مالڪ ڪئي ڪري خوب خطاب
نبي سڀ نواب اُدنُ (١) سين اوري رهيا

(١) ويجهو ٿي.

ته تو (نبين ۽ ملائڪن جي) هر مقام کي پنهنجي مقام جي نسبت سان هيٺ ڪري ڇڏيو جنهن وقت تون عالي مرتبت، منفرد ذات وانگر رفعت (اڳتي وڌڻ) لاءِ سڏيو وئين. (۱)

كَيْمَا تَفُوْزَ بِوَصْلٍ اَيِّ مُسْتَتِرٍ
عَنِ الْعُيُوْنِ وَسِرٍّ اَيِّ مُكْتَتِمِ

وهه واه جو وصال، توکي مليو مهر سين
ڪنين ٻڌجي ڪين ڪي اهڙي قيل مقال
مورڳو ايءُ مثال اڳاهون اڪين ڪان

(اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ڪيو ويو) ته جيئن تون ان وصال کي ماڻين جيڪو (سمورين اکين کان) ڪيڏو نه لڪل آهي، ۽ ان راز حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئين جيڪو ڪيڏو نه ڳجهو آهي.

---

(۱) ان مان مراد مقامِ قرب ۾ "اُدنُ يَا مُحَمَّدُ، اُدنُ يَا مُحَمَّدُ" جو خطاب دلنواز آهي.

فَحُزْتَ كُلَّ فِخَارٍ غَيْرِ مُشْتَرَكٍ
وَجُزْتَ كُلَّ مَقَامٍ غَيْرِ مُزْدَحَمِ

لاشڪ ڏهرا لاڳ جاني تو جمع ڪيا
مليا مانَ رسول ڪي اڳاهان اجهاڳ
شريڪ نہ توسين ان شان ۾ سيد منجهہ سياڳ
اهي مٿانهان ماڳ، اَچڻ اُت نہ ڪنهن جو

يا رسول اللهُ ! تو، غير جي شرڪت جي بغير سمورا فخر(١) جمع ڪري ورتا ۽ ڪنهن بہ مزاحمت (ڀيڙ، يا ٻين جي اجتماع) جي بغير هر مقام کي عبور ڪري وئين.

---

(١) يعني فضيلتون ۽ مرتبا، مثال طور وسيلو، بلند درجو، حوضِ ڪوثر، شفاعتِ عظميٰ، مقامِ محمود، ۽ الله جي حمد و ثنا جو جهنڊو وغيره.

وَجَلَّ مِقْدَارُ مَا وُلِّيتَ مِنْ رُتَبٍ
وَعَزَّ اِدْرَاكُ مَا اُوْلِيتَ مِنْ نِعَمِ

نوري جا نعمت، ملي توکي مصطفيٰ
پروڙان پري ٿي، اُتاهين عظمت
متي مرتبت، سمجھڻ کان سين جي

تمام وڏو شان آهي انهن مرتبن جو، جن جو توکي والي بنايو ويو، ۽ جيکي نعمتون ۽ ڏاڻ توکي ڏنا ويا(١) انهن جو ادراک ۽ احاطو ڪرڻ نهايت مشڪل آهي.

بُشْرَىٰ لَنَا مَعْشَرَ الْاِسْلَامِ اِنَّ لَنَا
مِنَ الْعِنَايَةِ رُكْنًا غَيْرَ مُنْهَدِمِ

(١) ان ۾ حضور کي اولين ۽ آخرين جي علم عطا ٿيڻ ۽ سندن امت کي خير الامم بنائڻ ڏانهن به اشارو آهي.

بهتر بشارت مڙني مومنن

جنهي کي جهان ۾ اهڙا دين مِلن

شريعت. شافع شاه جي جڙي ڪارڻ جن

آگي ڪي عنايت جي ماڙي لاءِ مڙن

توڙي واءُ وڏاندرا لکوتر لگن

تان پڻ تنهن ٿنين، ڪونهي ڏپ ڏهڻ جو

اي مسلمانو! اسان لاءِ خوشخبري آهي جو اسان جي واسطي عنايات رباني مان مضبوط سهارو(١) موجود آهي، جيڪو ڪڏهن به ڪونه ڪرندو.

لَمَّا دَعَى اللّٰهُ دَاعِيْنَا لِطَاعَتِهٖ
بِاَكْرَمِ الرُّسُلِ كُنَّا اَكْرَمَ الْاُمَمِ

---

(١) حضورجي ذات بابرڪاتُ ۽ سندن شريعت.

نازڪ نور نبي آڳي سو اڪمل ڪيو

سرور سونهارو سٽ ۾ سيني ۾ صَفي

جهڙو نيڪ نبي، تهڙي امت انجي

جڏهن الله پاڪ اسان جي داعي (سندس عبادت لاءِ سڏيندڙ هادي) صلي الله عليه وسلم کي اڪرم الرسل ڪوٺيو(١)، ته اسان به (سندس نسبت سبب) اڪرم الامم ٿي وياسين.

رَاعَتْ قُلُوْبَ الْعِدٰى اَنْبَاءُ بِعْثَتِهٖ
كَنَبْاَةٍ اَجْفَلَتْ غُفْلًا مِّنَ الْغَنَمِ

(١) جيئن حديث شريف آهي ته اَنَا اَكْرَمُ الْخَلْقِ عَلَى اللّٰهِ وَ آدَمُ وَ مَنْ دُوْنَهٗ تَحْتَ لِوَائِىْ. يعني آءُ الله جي بارگاه ۾ اڪرم الخلق (تمام مخلوق کان افضل) آهيان، آدم ۽ ٻيا سڀ منهنجي جهنڊي جي هيٺان هوندا.

رهبر سندي رسالت جا پڙها پٽ پيا

دشمن سندا دين جي ڏيي ڏڙ ويا

اسد آوازا، جيئن پهرو ٿهن پٽ ۾

پاڻ ڪريمن جي بعثت جي خبرن دشمن جي دلين ڪي

ڏوڏي ۽ دهلائي وڌو، جيئن غافل ٻڪرين تي شينهن جي

گجگوڙ لرزو طاري ڪري ڪين ڇڏائيندي آهي.

مَا زَالَ يَلْقَاهُمْ فِيْ كُلِّ مُعْتَرَكٍ
حَتّٰى حَكَوْا بِالْقَنَا لَحْمًا عَلٰى وَضَمٍ

وَرَنهه وير و تار موڏي ماريا ٿي ميڙ ۾

ڪافرن سان ڪريم ڪَئي ڪا سائڪي ڪار

ڪيناري ڪنار، انگ چاڙهيائين. ان جا

هميشه پاڻ صلي الله عليه وسلم هر ميدانِ جنگ ۾ دشمن

سان سامهون ٿنيدا رهيا، ايستائين جو اهي نيزي جي ضرب سبب قاصائي جي اڏي تي لوهي ڪُندن ۽ ڪٽڻ ۾ تنگيل گوشت جي مشابه ٿي ويا.

وَدُّوا الْفِرَارَ فَكَادُوا يَغْبِطُونَ بِهِ
اَشْلَاءَ شَالَتْ مَعَ الْعِقْبَانِ وَالرَّخَمِ

پڳا وڏي ڀاڄ سين پٺ نه ڪوڙين پير
سڌون ڪن سرير ۾ نه مَرون انهي وير
هڏا هجون هير، جي پکين ڪنيا پاڻ سين

دين جا دشمن سندن مقابلي کان ڀڄڻ کي پسند ڪرڻ لڳا، ۽ ان ڪري جسم جي انهن عضون تي ريس ڪرڻ لڳا جيڪي عقابن ۽ ڳجهن ذريعي مٿي کڄي (انهن جو کاڄ خوراڪ بنجي) ويا.

تَمْضِي اللَّيَالِي وَلَا يَدْرُوْنَ عِدَّتَهَا
مَا لَمْ تَكُنْ مِنْ لَيَالِي الْأَشْهُرِ الْحُرُمِ

راتيون ڏينهن ڏکين کي ويپر(١) ۾ ويا
سونکي کان سرير جي سمجهي تان نه سگهيا
تانجا ماهه مٿان موٽي محرم آئيا

انهن جون راتيون ان حال ۾ گذري ويندڀون هيون جو اهي راتين گذرڻ جو عرصو به ياد کونه رکي سگهندا هئا، جيستائين جو حرمت وارن مهينن جون راتيون (تاريخون) نه اچن. (٢)

---

(١) ڏک، غم.

(٢) يعني ڪافر، حضور پاڪ سان جنگ ۾ ايترا ته بد حواس رهندا هئا جو، جيستائين حرمت وارا مهينا نه ايندا هئا تيستائين انهن (حاشيو هلندڙ)

كَاَنَّمَا الدِّيْنُ ضَيْفٌ حَلَّ سَاحَتَهُمْ
بِكُلِّ قَرْمٍ اِلٰى لَحْمِ الْعِدٰى قَرِمِ

اولاً اچڻ دين جي ھھڙي حال چون
مثلاً سو مهمان تي اگڻ اصحابن
گهٽي گوشت کِيٽون انگين اعدائن
جَڙي جھونجھارن(١) وھي تنھن سين وَيل کئي

چڻ ته دينِ اسلام مهمان هيو، جيکو اهڙن سردارن سان

(بقيه حاشيو) کي تاريخن ۽ مهينن گذرڻ جي خبر ئي نه رهندي هئي، ۽ جڏهن اهي مهينا اچي ويندا هئا جن ۾ ٻنهي طرفن کان از خود جنگ بند ٿي ويندي هئي، تڏهن انهن کي احساس ۽ ادراک ٿيندو هو ته کيتريون تاريخون ۽ مهينا گذري ويا آهن. اهي حرمت وارا چار مهينا هي آهن: رجب، ذي القعد، ذي الحج ۽ محرم.

(١) بهادر ماڻهو.

گڏ دشمنن جي اڳڻ (گهر ۾) تي آيو هو جيڪي دشمنن جي گوشت کائڻ (يعني دشمنن جي ٻوٽين کائڻ) جي شديد خواهش رکندا هئا.

يَجُرُّ بَحْرَ خَمِيْسٍ فَوْقَ سَابِحَةٍ
يَرْمِيْ بِمَوْجٍ مِّنَ الْاَبْطَالِ مُلْتَطِمِ

آيو سو مهمان چڪي لشڪر پاڻ سين
دهشت ۾ درياء جيئن ڪڙها ۽ ڪيڪان(١)
ملن ۾ ميدان لَهرُنِ جيئن ليٽون ڪيو

اهو مهمان (حضور پاڪ يا دين اسلام) لشڪر جي سمنڊ کي سَنهَنجَنَ ۽ تيز رفتار گهوڙن تي چڪي (وٺي) آيو، جيڪو سمنڊ دليرن ۽ پهلوانن جون جوشيليون موجون هڻي رهيو هو.

(١) تکا گهوڙا.

مِنْ كُلِّ مُنْتَدِبٍ لِلّٰهِ مُحْتَسِبٍ
يَسْطُوْ بِمُسْتَأْصِلٍ لِلْكُفْرِ مُصْطَلِمِ

سورهيه سڀ سُوار ڏڄڻ ڏاءُ ڏٺيَّ جي

هيٺان ٿي هلڻ سي ڪوجهي ڪن نه ڪار

پٽي مان پاتار، ڪيڏن پاڙ ڪفر جي

انهن (دليرن ۽ پهلوانن) مان هر هڪ، الله جي دعوت ڪي اخلاص سان قبول ڪرڻ ۽ ثواب جي اميد رکڻ وارو هو، جيڪو ڪفر تي، پاڙ پٽيندڙ ۽ مهلڪ حملي سان چڙهائي ڪري رهيو هو.

حَتّٰى غَدَتْ مِلَّةُ الْاِسْلَامِ وَهِيَ بِهِمْ
مِنْ بَعْدِ غُرْبَتِهَا مَوْصُوْلَةَ الرَّحِمِ

ڏنو مان مهمان ڪي سچن صحابن

مهمانيا پوءِ مائٽي رکي تن رندن

اهڙي ريت رکن، قرب قرابت دين سين

ايستائين جو اسلامي ملت پنهنجي غربت (وڇوڙي ۽ اجنبيت) (١) کان بعد انهن جي ذريعي پنهنجن عزيزن قريبن سان جُڙي وئي. (٢)

---

(١) ملتِ اسلامي جي غربت مان مراد آهي ان جي احڪام تي عمل نه ڪرڻ، يعني دينِ اسلام ابتدا ۾ جن ماڻهن وٽ آيو اهي ان ڪي سڃاڻن ئي ڪونه پيا ۽ ان سان اجنبين وارو ورتاءُ ڪن پيا.

(٢) عزيزن قريبن سان ملي وڃڻ مان مراد هي آهي ته ملتِ اسلامي مضبوط ٿي وئي ۽ ان ۾ اهڙا ماڻهو داخل ٿيا جن ان سان پنهنجو تعلق نهايت مستحڪم ڪيو ۽ ان جو پنهنجن عزيزن کان به وڌيڪ خيال رکڻ لڳا.

مَكْفُوْلَةً اَبَدًا مِّنْهُمْ بِخَيْرِ اَبٍ
وَخَيْرِ بَعْلٍ فَلَمْ تَيْتَمْ وَلَمْ تَءِمِ

اوچي سا اسلام جي ملت موچاري

سانڊي سا سٺڙ ڪئي سرور سونهاري

وِلهي ويچاري، هاڻ نه ٿيندي ڪڏهين

۽ هميشه واسطي دشمنن جي شرارتن کان، بهترين پيُ ۽ بهترين مڙس ذريعي (١) محفوظ ٿي وئي، جيڪا هاڻي ڪڏهن به يتيم نه ٿيندي ۽ نه بيوه.

---

(١) حضور پاڪ ۽ سندن اصحابن سڳورن کي مجاز طور بهترين پيُ ۽ بهترين مڙس ڪوٺيو ويو آهي، ۽ ملت کي يتيم ۽ بيوه سان تشبيه ڏني وئي آهي، جو ته اڳ ۾ اسلامي ملت جي حالت هڪ يتيم ۽ بيوه واري هئي، مگر حضور پاڪ ۽ صحابهٔ ڪرام ان لاءِ هڪ شفيق والد ۽ مهربان مڙس وانگر ثابت ٿيا، جن نه صرف ان جي ضرورتن جي (حاشيو هلندڙ)

هُمُ الْجِبَالُ فَسَلْ عَنْهُمْ مُصَادِمَهُمْ
مَاذَا رَاَوْا مِنْهُمْ فِيْ كُلِّ مُصْطَدَمِ

اُوچا سي آگي ڪيا جبلن جيئن جڙي
رڪن پير پختا، ڪلي وير ڪڙي
دشمن ڏيکيو ان کي ته سيني منجھ سڙي
جن ان سين جهيڙو ڪيو انهين پُڄ اڙي!
گهاٽن جيئن گهڙي ان کي رڪيائون رُڪ سين

اهي دلير ۽ پهلوان جبل هئا(١) (اگر توکي اعتبار ڪونهي

(بقيه حاشيو) پوراڻي ڪئي ۽ ان لاءِ مصالح کي يقيني بنايو، بلڪ ان ڏانهن ڪڄندڙ بري نظر ۽ وڌندڙ ظالم هٿ کي به روڪيو.

(١) يعني ثابت قدمي ۾، جيئن جبل تي اگر ڪيڏو به غنيم چڙهائي ڪري ته اهو گهبرائيندو ڪونهي بلڪ پر سڪون ۽ ثابت قدم رهندو آهي، اهڙي طرح اصحاب سڳورا به پنهنجن محاذن ۽ (حاشيو هلندڙ)

ته) پوءِ انهن جي جنگ ۽ تلوار ۽ تير اندازيءَ جي شان جي

باري ۾ دشمنن کان ڪٿي پُڇ ته انهن، هنن کان، هر ويڙهه

جي موقعي تي ڇا ڏٺو.

فَسَلْ حُنَيْنًا وَسَلْ بَدْرًا وَسَلْ أُحُدًا
فُصُولُ حَتْفٍ لَهُمْ أَدْهَى مِنَ الْوَخَمِ

اُحد، بدر جنگ جو پڇين پيريتيو

هاجو ڏس حُنين ۾ ڪيڏو تن ڪيو

اچي ڪُوپُ(١) ڪسڻ جو ڪَتن ڪنڌ پيو

منجهن موت ٿيو، وبا کان وِترو(٢)

(بقيهحاشيو) مورچن تي قائم رهندا هئا ۽ ميدانِ جنگ ۾ جبل وانگر

پر سڪون ۽ ثابت قدم رهندا هيا، گهبرائيندا يا ڀڄندا ڪونه هيا.

(١) قهر، آفت، غضب.

(٢) تيز.

پوءِ تہ حُنَين، بدر ۽ اُحد کان دشمن جي هلاڪت وارن
وقتن جي باري ۾ پُڇ، جيڪي وبا (جي مرض) کان بہ
وڌيڪ انهن لاءِ دهشتناڪ هيا.

اَلْمُصْدِرِي الْبِيضِ حُمْرًا بَعْدَ مَا وَرَدَتْ
مِنَ الْعِدٰى كُلَّ مُسْوَدٍّ مِّنَ اللِّمَمِ

تڪي تن تلوار اَڇيان ڳاڙهي ڪِي
سهسين تن سيخون ڪيا ڪَتي ڪند ڪپار
ڪارا جنهين وار، ڪوڏان ڪُهن تن ڪي

جيڪي چمڪدار سفيد تلوارن کي دشمنن جي ڪارين
چڳن ۾ داخل ڪري، رتو ڪرڻ کان بعد واپس ڪندا
هيا.

وَالْكَاتِبِينَ بِسُمْرِ الْخَطِّ مَا تَرَكَتْ
اَقْلَامُهُمْ حَرْفَ جِسْمٍ غَيْرَ مُنْعَجِمِ

ڪاتب جيئن قلم سين نائي کي نقطن

اکرن کي استاد سو چٽي جيئن چٽن

اوءِ تان اوءِ پر ڪن، ڪنڌن سين ڪفارن جي

ءِ گندمي خط(١) سان انهن جا قلم(٢) لکندا ءِ نقش چٽيندا

هيا، ءِ جسم جي ڪنهن به حصي کي نقطي لڳائڻ (٣) بغير

ڪونه ڇڏيندا هيا.

شَاكِي السِّلَاحِ لَهُمْ سِيمَا تُمَيِّزُهُمْ
وَالْوَرْدُ يَمْتَازُ بِالسِّيمَا مِنَ السَّلَمِ

---

(١) خط جي لفظي معني ته ليڪ ءِ لڪائي آهي، ليڪن هتي ان

مان مراد بحرين ۾ خط نالي هڪ ڳوٺ آهي، جتان جا نيزا تمام مشهور

هوندا هيا.

(٢) قلم مان مراد تير ءِ نيزا آهن.

(٣) نقطي لڳائڻ مان مراد آهي دشمنن کي زخم رسائڻ.

جنهين هٿ هٿيار، سي ڏٺم پائنج هڪ جهڙا

سلم(١) سمجهه سهڄاڻي ڪر، ورد(٢) جي ويچار

ڏسڻ ۾ هڪ ڏار، پر وڏو فرق وچ ۾

هٿيارن سان مسلح هئڻ باوجود به (٣) انهن ۾ اهڙي ته علامت ۽ امتياز هيو، جيڪو انهن کي ٻين (جنگجو ڪافرن) ڪان ايئن ممتاز ڪندو هو جيئن گلاب جو ٻوٽو ٻير جي وڻ ڪان ممتاز هوندو آهي.

تُهْدِي إِلَيْكَ رِيَاحُ النَّصْرِ نَشْرَهُمُ
فَتَحْسَبُ الزَّهْرَ فِي الأَكْمَامِ كُلَّ كَمِ

(١) هڪ قسم جو وڻ جيڪو گل جي وڻ سان مشابه هوندو آهي، ليڪن خوبصورتي ۾ گل ڪان گهٽ هوندو آهي.

(٢) گل.

(٣) يعني نه صرف مسلمانن کي، بلڪ ڪافرن کي به هٿيار پهريل هوندا هئا، پر ان جي با وجود به.......

لڳي هير هوا پڙها وڏا پٽ ۾

صحابن جي سين کي پيئي سُڌ سماءُ

مکڙيون مُداما، برسن جيئن بهار ۾

فتح و نصرت جون هوائون تو تائين انهن جي خوشبوئن کي

ايئن پهچائن ٿيون، جو تون هر زره پوش دلير ۽ پهلوان کي

غلاف ۾ مکڙي گمان ڪندين.(١)

كَأَنَّهُمْ فِي ظُهُورِ الْخَيْلِ نَبْتُ رُبًى
مِنْ شِدَّةِ الْحَزْمِ لَا مِنْ شَدَّةِ الْحُزُمِ

---

(١) يعني جهڙي طرح مکڙي غلاف ۾ ڍڪيل هئڻ باوجود خوشبوءِ

ڏيندي آهي، اهڙي طرح اصحاب سڳورا به، اگرچه زره پوش هوندا هيا،

جيڪي بظاهر سختي، ارڏائي، ڏاڍ، دشمني ۽ نفرت جي نشاني آهي، پر

ان هوندي به اهي دين اسلام ۽ باهمي محبت ۽ پيار جي خوشبوءِ کي

پکيڙيندا هيا.

رِيُ تاڻ تنگ، رُبا(١) جيئن رَتا(٢)

سي حشمت تن هِينئين(٣)۾، جيئن سي ريخون رنگ

اُوآندر جا اڙينگ، ڪَشا چنان تان ڪوهُ ٿيو

سواريُ ۾ مهارت ۽ احتياط سان جمي ويهڻ ۾، اهي گهوڙن

جي پُٺن تي، جبل جي چوٽيُ تي ڄاول ٻوٽي وانگر هوندا

هيا، ان ڪري نه، ته ڪو گهوڙن جا تنگ ڪشيل هوندا

هيا.

طَارَتْ قُلُوبُ الْعِدٰى مِنْ بَأْسِهِمْ فَرَقًا
فَمَا تُفَرِّقُ بَيْنَ الْبَهْمِ وَالْبُهَمِ

---

(١) رَبْوَةٌ جي جمع آهي، معني اتس دڙو، ڏڀ، مٿانهين جاءِ.

(٢) ڳاڙها ٿيا، ڄميا.

(٣) دل، قلب.

پيچي تن پورا کيا ڪفارن جا ڪر

هِنيان پَيَنِ هور ۾ اُندي(١) ۾ اندر

رڍن سندا ڦر، لڪا ڏين لشڪر جي

دشمنن جون دليون خوف ۽ گهٻراهٽ وچان اصحابن سڳورن جي شدت ۽ سختي (بهادري) کان پريشان ٿي وينديون هيون، ان ڪري اهي رڍ جي ڦر ۽ دلير پهلوان ۾ به فرق نه ڪري سگهندا هيا.(٢)

وَمَنْ تَكُنْ بِرَسُوْلِ اللّٰهِ نُصْرَتُهٗ
اِنْ تَلْقَهُ الْاُسْدُ فِيْ آجَامِهَا تَجِمِ

---

(١) خوف.

(٢) يعني دشمن اصحابن کان اهڙا ته ڊنا جو بهادرن کان ته خير پيچندا ئي هيا، پر رڍ جو ڦر به اگر انهن کي نپندو ڪڏندو نظر اچي ويندو هو ته ان کان به ڇرڪي ويندا هيا ۽ کين ائين لڳندو هو ڄڻ ته ڪو صحابي ۽ دلير مسلمان پنهنجي گهوڙي کي ٽپائيندو ڪڏائيندو انهن ڏانهن اچي رهيو آهي، جنهن جي خوف کان وٺي ڀاڄ ڪائيندا هيا.

جنهن سين مرسل مير جي هجي حمايت

تنهن جي رَب ڪريم ڪئي وڏي وقايت

نبيءَ جي نصرت، چيتا(١) نه چرن ان سين

ء جنهن ڪي رسول الله صلي الله عليه وسلم جي حمايت ۽ نصرت حاصل هجي ان ڪي اگر ٻيلي ۾ شينهَن به سامهون اچي ويندا ته اهي به (ان جي دهشت سبب) خاموش ٿي ويندا.

وَلَنْ تَرٰى مِنْ وَّلِيٍّ غَيْرَ مُنْتَصِرٍ

بِهٖ وَلَا مِنْ عَدُوٍّ غَيْرَ مُنْقَصِمِ

وليَّ سڀ وينجهار همراهي ڏنل حبيب جا

دشمن، دوست رسول جا ڏريان ڏڪيل ڏار

قادر رب قهار، وڇاڻ هٿي وَڍيا

(١) چيتو، شينهَن جو هڪ قسم.

۽ تون پاڻ ڪريمن جو ڪوبہ اهڙو دوست هرگز نہ ڏسندين، جنهن جي سندن طرفان مدد نہ ٿي هجي، ۽ نہ سندن ڪوبہ دشمن اهڙو ڏسندين جيڪو ٽڪرا ۽ ٽوٽا ٿيل نہ هجي.

أَحَلَّ أُمَّتَهُ فِي حِرْزِ مِلَّتِهِ
كَاللَّيْثِ حَلَّ مَعَ الْأَشْبَالِ فِي أَجَمِ

سيد سرور جام، احمد عليہ صلى الله وسلم پنهنجي امت سين
ماڙيءَ ۾ ملت جي وِٺو سو وريام
ڪِهو(١) ڪُهو(٢)سين ڪلام، جي ٻچن سان ٻيلي ٿيو

پاڻ سڳورن پنهنجي امت کي ملت جي مضبوط قلعي ۾ ايئن لاٿو جيئن شينهن پنهنجي ٻچن سان ٻيلي ۾ لهندو آهي.

---

(١) ڪهڙو.

(٢) شينهن جو نينڊرو ٻچو.

كَمْ جَدَّلَتْ كَلِمَاتُ اللّٰهِ مِنْ جَدِلٍ
فِيهِ وَكَمْ خَصَّمَ الْبُرْهَانُ مِنْ خَصِمِ

آيتن رب عليم جي، ڪِي مرسل سندي ماڻ

معجزن مشرڪن جي پٽي ڪيدي پاڙ

ڏيئي پِٽَ پَچاڙ بُرهانن(١) بيدي(٢) ڪيا

ڪيترائي پيرا الله جي آيتن، پاڻ ڪريمن جي باري ۾

جهيڙاڪُن کي دسي وڌو، ۽ ڪيترن ئي ويرُين کي

برهان(٣) شڪست ڏئي ڇڏي.

---

(١) معجزن.

(٢) عاجز.

(٣) برهان معني دليل، ان مان حضور جا معجزا ۽ سندس استين جون ڪرامتون مراد آهن.

كَفَاكَ بِالْعِلْمِ فِي الْأُمِّيِّ مُعْجِزَةً
فِي الْجَاهِلِيَّةِ وَالتَّأْدِيبِ فِي الْيُتُمِ

جاهليت ۾ جڳن ڪان وَرِنهه وَڌِ ٿيو
يتيميءُ پيو ته پڻ ادب سيئنا اڳرو

امي صلي الله عليه وسلم جي معجزي هجڻ لاءِ تنهنجي واسطي ايترو ئي ڪافي آهي ته، جاهليت واري دور ۾ به وٽن علم هيو ۽ يتيمي جي باوجود به پاڻ اديب هيا. (١)

خَدَمْتُهُ بِمَدِيحٍ أَسْتَقِيلُ بِهِ
ذُنُوبَ عُمْرٍ مَضَى فِي الشِّعْرِ وَالْخِدَمِ

(١) يعني خاص ڪري ان حالت ۾ جو ڪين ڪو به تعليم ۽ تربيت ڏيارڻ وارو ڪونه هو، ان هوندي به پاڻ "اَعلَمُ النَّاس" هيا، ۽ سندن حسنِ اخلاق جو ته ڪهڙو ذڪر ڪجي.

ڪيم مدح مرسل ﷺ جي سچي سڪ منجها

من چڏائي ڇڳير سو سندم ڏوهه ڏنجها(١)

وهايام ونجها(٢) ڳاهون ڳاهي شعر جون

مون پاڻ سڳورن جي، قصيدي ذريعي خدمت (تعريف)

ڪئي اٿم، ته جيئن ان ذريعي، ماڻهن جي تعريف لاءِ شعر و

شاعريءَ ۾ گهاريل عمر جي گناهن جي معافي طلب ڪيان.

إِذْ قَلَّدَانِيَ مَا تُخْشَى عَوَاقِبُهُ
كَأَنَّنِي بِهِمَا هَدْيٌ مِّنَ النَّعَمِ

شعر چيم شاهن جا، ۽ خدمت ان ڪيام

ڏوهه ٻنهي جا ڳانو ٿي ڳچي ڳل پيام

انهيءَ پر ٿيام، جيئن حاجي ٻڌن هدي(٣) ڪي

(١) ڏڪ. (٢) ڪوڙ.

(٣) قرباني جو جانور.

ڇو ته انهن ٻنهي (ماڻهن جي تعريف ۽ شعر و شاعري) منهنجي ڪنڌ ۾ اهڙو ته ڳٽ وجهي ڇڏيو جنهن جي انجام کان ڊڄبو آهي، پوءِ ڄڻ ته مان قرباني جو جانور آهيان.

اَطَعْتُ غَيَّ الصِّبَا فِي الْحَالَتَيْنِ وَمَا
حَصَّلْتُ اِلَّا عَلَى الْاٰثَامِ وَالنَّدَمِ

صبا(١) ۾ سمجھو ٿي، ڪيم ڪانه سنڀال
وٺي گس گمراهي جو وهايم وَبال
ھھڙا پسيو حال گندرجان(٢) گناهن تي

مون ٻنهي صورتن ۾ ٻارائپ جي گمراهي ۽ بي راھ روي جي پويان لڳس، حالانڪ مون کي گناهن ۽ ندامت کان سواءِ ڪجھ به حاصل نه ٿيو.

فَيَا خَسَارَةَ نَفْسِيْ فِيْ تِجَارَتِهَا
لَمْ تَشْتَرِ الدِّيْنَ بِالدُّنْيَا وَلَمْ تَسُمِ

(١) ٻارائپ.

(٢) افسوس ڪيان، شرمندو ٿيان.

عجب ڇيهي نفس جي منجهہ سودي سلوفا

هٽان ڏيئي دين کي وٺي سو دنيا

ڪڍهن ڇُر(١) ڇتا، ڇوري تان نہ ڇگن جي

هاءِ افسوس منهنجي نفس جي واپار جا خسارا! ان دنيا جي بدلي ۾ دين بہ خريد ڪونہ ڪيو ۽ نہ ان جي خريد ڪرڻ لاءِ ڪو مُلهہ ئي چُڪايائين.

وَمَنْ يَّبِعْ اٰجِلًا مِّنْهُ بِعَاجِلِهٖ
يَبِنْ لَهُ الْغَبْنُ فِيْ بَيْعٍ وَّفِيْ سَلَمٖ

هڪئا پسي هي، دنيا سندا ڏينهڙا

روڪڙ ڇئي ريڙهي ڪٽي ڇڏي عقبيٰ کي

انهي تو سودي، مڙني مهانگو پائيو

۽ جو بہ شخص دير سان ملندڙ فائدي کي جلد ملڻ واري

(١) سوچ.

فائدي جي عيوضي ۾ وڪڻندو ته ان کي "بيع" ۾ خواهه "سلم" ۾، بهرصورت نقصان ٿيندو. (١)

اِنْ آتِ ذَنْبًا فَمَا عَهْدِىْ بِمُنْتَقِضٍ
مِنَ النَّبِيِّ وَلَا حَبْلِىْ بِمُنْصَرِمِ

(١) "بيع" مان مراد "بيع العين بالعين" آهي، يعني هڪ شيءِ کي ٻي شيءِ جي بدلي ۾ حاصل ڪرڻ، ان کي "بيع مقابضت" چئبو آهي. ٻي صورت اها هوندي آهي ته قيمت اڳواٽ ڏئي ڇڏبي آهي ۽ مبيع، يعني جيڪا شيءِ خريد ڪجي ٿي، اها ڪنهن واعدي تي ملي، ان کي "بيع سَلَم" چئبو آهي، اها صورت "بيع الدَين بالعين" آهي. شريعت ۾ ان قسم جي واپار جي درست هجڻ لاءِ ڪجهه شرط آهن: ١، جنس معلوم هجي. ٢، قسم معلوم هجي. ٣، صفت معلوم هجي. ۴، مقدار معلوم هجي. ۵، وقت معلوم هجي. ٦، شيءِ جي اندازي ڪرڻ جو طريقو به معلوم هجي ته اها شيءِ ماپ سان يا وزن سان يا ڳڻپ سان وٺبي. ٧، وٺڻ جي جڳهه به معلوم هجي.

جيڪر جاٽي جاڻ، مان ڏنگا ڏوهه ڪيام

پاٺي پاپ پلاند ۾ ڊوئي ڊگ ڪيام

عهدا ٻول سندام، چنا ڪين چڱير ڪان

اگرچہ مون گناهه ڪيا آهن پر منهنجو حضور پاڪ سان ڪيل عهد ۽ پيمان ٽٽڻ وارو ڪونهي، ۽ نہ ئي ساڻن تعلق ۽ نسبت ختم ٿيڻ واري آهي.

فَاِنَّ لِیْ ذِمَّةً مِّنْهُ بِتَسْمِيَتِیْ
مُحَمَّدًا وَّهُوَ اَوْفَی الْخَلْقِ بِالذِّمَمِ

ساڻس ٿيو سندوم، وڏو ٻول وڏاندرو

نالو نور نبيءَ جو مٿي پاڻ رکيوم

وڏي ٿوپ(١) ٿيوم، تہ ٻول نہ ڇنندو ٻاجهہ ڀريو

(١) آسرو.

ڇو ته مون کي پاڻ سڳورن جي سامَ حاصل آهي، جو منهنجو نالو به محمد آهي، ۽ اها ذات ته مخلوقن ۾ سڀ کان وڌيڪ سام جهلڻ واري آهي.

اِنۡ لَّمۡ يَكُنۡ فِيۡ مَعَادِيۡ اٰخِذًا بِيَدِيۡ
فَضۡلًا وَّاِلَّا فَقُلۡ يَا زَلَّةَ الۡقَدَمِ

جيڪر مرسل مير، مهندا محشر ماڳ ۾
اچي ٿيو نه اوکيءَ ۾ دليان دستگير
ته سونکي پيو سرير، هَي هَي وڏي هاءِ ٿي

اگر منهنجي موت وقت ۽ منهنجي موت کان بعد پاڻ سڳورا فضل سان منهنجي دستگيري نه ڪن ۽ عهدوپيمان نه نيائن ته مون کي چئجانءُ ته تنهنجي (پيرن جي) ترڪڻ تي هاءِ افسوس!

حَاشَاهُ اَنۡ يُّحۡرَمَ الرَّاجِيۡ مَكَارِمَهٗ
اَوۡ يَرۡجِعَ الۡجَارُ مِنۡهُ غَيۡرَ مُحۡتَرَمِ

شافع پنهنجي شان سين پلو پَلائي

اميدون آسائتن جون پرين پڄائي

مور مَ موٽائي، پاڙوسي پانهون(١) ڪري

پاڻ ڪريمن جي ذات، پنهنجي عنايت ۽ ڪرم جي اميدوار

ڪي محروم ڪرڻ کان پاڪ آهي، جو سندن بارگاهه ۾ پناهه

وٺندڙ شخص مايوس ۽ بي آبرو ٿي، واپس اچي.

وَمُنْذُ اَلْزَمْتُ اَفْكَارِيْ مَدَائِحَهٗ
وَجَدْتُّهٗ لِخَلَاصِيْ خَيْرَ مُلْتَزِمِ

جڏهانڪر مدح مير جي اچي شوق ٿيوم

ڇيهن کان ڇڏائڻ لئه منهنجي ماڙ ڏنوم

وڏي وَهَرَ(٢) ٿيوم، اچي ويڙن وچ ۾

۽ جڏهن کان پنهنجي فڪر تي، سندن نعت چوڻ لازم ڪيو

اٿم، تڏهن کان مون کين پنهنجي نجات لاءِ بهترين ضامن

لڌو آهي.

---

(١) واپس، پوئتي، پوئين پير. (٢) واهَر، سهارو، مدد.

وَلَنْ يَّفُوْتَ الْغِنٰى مِنْهُ يَدًا تَرِبَتْ
اِنَّ الْحَيَا يُنْبِتُ الْاَزْهَارَ فِى الْاَكَمِ

وَرَنُهہ وساري کنهن کي ڇڏي ڪينکي
ڏکين وڏا ڏيج سو. ڏوٽا ڏياري
واسي جي واري ڏوٽن (١) مورن مکڙيون

۽ سندن شفاعت ۽ تونگري ڪڏهن به ضرورتمندن کي هٿين خالي ڪونه موٽائيندي، بيشڪ برسات ڏڙن تي به گل ڄمائيندي آهي.

وَلَمْ اُرِدْ زَهْرَةَ الدُّنْيَا الَّتِىْ اقْتَطَفَتْ
يَدَا زُهَيْرٍ بِمَا اَثْنٰى عَلٰى هَرِمِ

سوران مال متاع جي طمع رکان نہ تات
زر ميڙي جيئن زُهَير (٢) ٿي وايون ڪري وات
ثنائون صفات هر هر ڪيائين ٿي هَرِمِ (٣) جون

(١) جبلن. (٢) زهير بن ابي سُلميٰ هڪ شاعر جو نالو آهي.
(٣) هَرِم بن سِنان هڪ بادشاه جو نالو آهي.

ماڻ دنيا جي خوشحالي کونہ ٿو گهران، جنهن کي زهير بن ابي سلميٰ جي هٿن "هَرِم" جي تعريف سبب سيڙيو هو. (١)

يَا اَكْرَمَ الْخَلْقِ مَالِىْ مَنْ اَلُوْذُبِهٖ
سِوَاكَ عِنْدَ حُلُوْلِ الْحَادِثِ الْعَمِمِ

خاصا سڀ خلقت جا مڙئي موچارا
پيٽي پانيان کانہ کا سائينم تو سوا
وجي کنهن وٽان، لهان ماڻ محشر ۾

اي تمام مخلوق ۾ سيني کان سونهارا! توکان سواءِ منهنجو ڪير بہ ڪونهي، جنهن کي آءٌ مصيبتن جي عام نزول وقت شفاعت لاءِ عرض ڪريان.

وَلَنْ يَّضِيْقَ رَسُوْلَ اللهِ جَاهُكَ بِىْ
اِذَالْكَرِيْمُ تَحَلّٰى بِاسْمِ مُنْتَقِمِ

(١) زهير بن ابي سلميٰ ربيعہ عرب جو وڏو شاعر هو، جنهنجي پٽ حضرت ڪعب پنهنجو مشهور قصيدو "بانت سعاد" حضور آڏو پيش ڪري ڪفر کان توبہ ڪئي ۽ پنهنجي زيادتين جي معافي ورتي هئي. ۽ "هَرِم" بن سِنان عرب جو مشهور سخي بادشاه هو، زهير بن ابي سلميٰ ان جي تعريف ۾ قصيدا لکي ڪائنس ڍاڳ حاصل ڪيا.

خاصا جي ڪٽي، مون ڏيندين مان محشر ۾

نه مرتبو تو مانو نه ٿئي قَدرِ اَهُر ڪٽي

جنهن ڏينهن ڏيهه ڏٺي، ڏمر چڙهندو ڏوهئين

يا رسول الله! جڏهن ڪريم رب "منتقم" جي نالي مبارڪ

سان پنهنجي جلال جو اظهار فرمائيندو، تڏهن مون لاءِ

شفاعت ڪرڻ سان تنهنجو شان گهٽ ڪونه ٿيندو.

فَاِنَّ مِنْ جُوْدِكَ الدُّنْيَا وَضَرَّتَهَا
وَمِنْ عُلُوْمِكَ عِلْمَ اللَّوْحِ وَالْقَلَمِ

جانب ٻئي جهان سُرڪي سخا مان تنهنجي

عطا توڪي آگي ڪيا ڏيهه ڏٺي ڏان

قلم لوح بيان، آڪر تنهنجي علم جو

پوري دنيا ۽ ان جي پهاج(١) (يعني آخرت) يا رسول الله

(١) آخرت کي دنيا جي پهاج ان ڪري چيو ويو آهي جو انهن ٻنهي کي گڏ ڪرڻ ۽ هڪ ئي وقت حاصل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، سواءِ انهن ماڻهن جي، جن تي رب جو خاص ڪرم هجي.

تنهنجي ذاڻ جو حصو آهي، ۽ لوح ۽ قلم جو علم تنهنجي علوم جو حصو آهي. (١)

يَا نَفْسُ لَا تَقْنَطِيْ مِنْ زَلَّةٍ عَظُمَتْ
إِنَّ الْكَبَائِرَ فِي الْغُفْرَانِ كَاللَّمَمِ

نفسَ ڏسي تون ڏوھ، آس مَ لاھ اندر جي
توسين ٿيندا توھ(٢)، بديون ويندیون بخشجي

اي نفس! وڏن وڏن گناهن سبب نا اميد نہ ٿي، ڇو تہ وڏا وڏا گناهَ بہ بخشش جي آڏو ننڍڙن گناهن وانگر هوندا آهن.

لَعَلَّ رَحْمَةَ رَبِّيْ حِيْنَ يَقْسِمُهَا
تَأْتِيْ عَلٰى حَسَبِ الْعِصْيَانِ فِي الْقِسَمِ

رکان آس اندر ۾ مخفي من منجهان
جڏهن رحمت رب جي ٿيندي مقسوما

(١) "علوم جو حصو" هجڻ مان ظاهر آهي تہ حضور جو علم مبارڪ لوح ۽ قلم جي علم کان بہ اُتانهون آهي.

(٢) فضلَ، مهربانيون.

اٽڪل(١) عصياناء پوندي مون پلاند ۾

اميد آهي ته منهنجو رب جنهن وقت پنهنجي رحمت کي تقسيم فرمائيندو ته
تقسيم ۾ به اُها گناهن جي مقدار مطابق ٿي ايندي. (٢)

يَارَبِّ وَاجْعَلْ رَجَائِىْ غَيْرَ مُنْعَكِسٍ
لَدَيْكَ وَاجْعَلْ حِسَابِىْ غَيْرَ مُنْخَرِمِ

مالڪ منهنجا مون ڏٽي منهنجي آس پڄاءِ

جنهن پَرِ چاتم توکان تنهن پَرِ تون وڙاءِ

---

(١) اندازو، تخمينو.

(٢) حديث شريف ۾ اهي ته قيامت جي ڏينهن هڪ ماڻهو لاءِ
حڪم ٿيندو ته هن جي آڏو سندس ننڍا ننڍا گناه پيش ڪيو ۽ وڏا گناه
پوشيده رکوس. پوءِ ان جي روبرو هڪ هڪ ڪري سندس ننڍا گناه پيش
ڪيا ويندا، ۽ اهو شخص هر گناه جو اعتراف ڪندو ۽ وڏن گناهن جي
پيشي کان ڊڄندو پيو. آخر قدرت جي طرفان حڪم ٿيندو ته ان کي هر
ننڍي گناه جي بدلي ۾ هڪ هڪ نيڪي عطا ڪيو، جنهن تي اهو ماڻهو
فرشتن کي چوندو ته منهنجا ته اجا پيا به وڏا وڏا گناه آهن، جيڪي اجا
ظاهر ئي ڪونه ڪيا ويا آهن. راوي چوي ٿو ته، ان بيان کان بعد مون
حضور پاڪ کي گهڻو مرڪندي ڏٺم

منهنجيون رب رواءِ(١) اميدون اندر جون

اي منهنجا مالڪ! مون کي تنهنجي بارگاهه ۾ جيڪا اميد آهي ان کي ابتڙ نه ڪر، ۽ پنهنجي ذات سان منهنجي سٺي گمان کي منقطع نه ڪر ۽ منهنجي حساب کي پنهنجي بخشش کان قطع نه ڪر.

وَالْطُفْ بِعَبْدِكَ فِي الدَّارَيْنِ اِنَّ لَهٗ
صَبْرًا مَتّٰى تَدْعُهُ الْاَهْوَالُ يَنْهَزِمِ

لطف ڪر لطيف، مٿي مون مسڪين

صبر ساريان نه ساهه ۾ نڪا تن تسڪين

متان هن حزين، هولن ۾ هيٺو ڪرين

۽ ٻنهي جهانن ۾ پنهنجي ٻانهي تي لطف ڪر، ڇوته ان جو صبر اهڙو (ته ڪمزور) آهي جو جڏهن به ان کي مصيبتون سڏينديون ته اهو شڪست کائي ويندو.

وَأْذَنْ لِسُحْبِ صَلٰوةٍ مِّنْكَ دَائِمَةً
عَلَى النَّبِيِّ بِمُنْهَلٍّ وَّمُنْسَجِمِ

(١) درست ڪر، پوريون ڪر.

ڪڪر، رب ڪريم! تون واسي جيئن وساءِ

رحمت جا رسول ﷺ تي وير ورتار وساءِ

هادي اُوَين هلاءِ،جيئن مينهن وسندي ملڪ ۾

۽ پنهنجي دائمي صلوٰة (شرف، ڪرامت ۽ رحمت) جي

ڪڪرن کي حڪم فرماءِ ته اُهي نبي پاڪ تي زوردار

مسلسل باران رحمت ڪن.

مَا رَنَّحَتْ عَذَبَاتِ الْبَانِ رِيحُ صَبَا

وَاَطْرَبَ الْعِيْسَ حَادِى الْعِيْسِ بِالنَّغَمِ

جانسين ورن وَاهُوندا (١) ۽ پنان بَانَ (٢) چرن

انن کي اوٺار ٺا دليان دهلون(٣) ڪن

وجهن وائي وات جي وجد منجهه وڳن

اوچي اوٺارن، مٺي ٻولي ملڪ ۾

جيستائين بادِ صبا "بان" وڻ جي ڏارين کي گهلائيندي

رهي ۽ "حُدي خوان" نغمن سان انن کي وجد ۾ آڻيندو

رهي.

(١) بهار جي هوا. (٢) بان وڻ جا پن. (٣) ڏيچارين ٺا.

اداري جا دستياب ڪتاب

















مدرسة صبغة الهدىٰ

شاه پور چاڪر- ضلع سانگهڙ، سنڌ.